# پراٹو پارکر



منگھارام اوجھا

# پراڻو پارڪر

منگھارام اوجھا

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

| | | |
|---|---|---|
| چاپو پهريون | ١٩٦٦ع | تعداد هڪ هزار |
| چاپو ٻيو | ١٩٧٥ع | تعداد ٻه هزار |
| چاپو ٽيون | ١٩٨٨ع | تعداد ٻه هزار |
| چاپو چوٿون | ١٩٩٨ع | تعداد ٻه هزار |


سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

**قيمت: پنجاهه رپيا**

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد پاران اعزازي سيڪريٽري مسٽر غلام رباني آگري ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ مسٽر سڪندر علي شاهه بورڊ جي پريس مئنيجر ڇاپيو.

# انتساب

هيءُ ڪتاب منهنجيءَ جي سهوت، مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولا" مرحوم جي نالي منسوب ڪريان ٿو. منهنجي حياتيءَ جو هڪ مقصد سنڌي علم ۽ ادب کي مالامال ڪرڻ ۽ ان جي سيوا ڪرڻ هو.

—منگهارام اوجها

يٽ يرِي، پٽ پيون، ٻاسي ٻارڪر،
وڄون وسڻ آئيون، ڪوڏان ڪٽي ڪر،
سيني پريا سر، ٻلر جي ٻالوٽ سين.

-شاهه

# پيش لفظ

سنڌي ادبي بورڊ، استاد منگهارام ”اوجها“ جي هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سنه ١٩٦٦ع ۾ شايع ڪيو هو؛ ٻيو ڇاپو سنه ١٩٧٥ع ۾ ۽ ٽيون ١٩٨٨ع ۾. ٻيو ڇاپو پهرئين ڇاپي کان ڏهه ورهيه پوءِ نڪتو ۽ ٽيون وري ٻئي کان لڳ ڀڳ ڏهه ورهيه پوءِ. پهريون ڇاپو هڪ هزار ڪاپين جو نڪتو، ته ٻيو ۽ ٽيون ٻن ٻن هزارن جا. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪتاب ۾ ايتري ته ڪارائتي معلومات آهي، جو گذريل ٽيهن سالن ۾ ان جا ٽي ڇاپا نڪري چڪا آهن ۽ بورڊ هن چوٿين ڇاپي جي ضرورت به محسوس ڪئي آهي.

* * *

هي ڪتاب سنڌ جي ”پارڪر“ واري حصي کي متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش آهي. ان جو لکندڙ، اوجها صاحب پرائمري ماستر هو. سندس شمار انهن استادن ۾ ٿئي ٿو، جن سنڌ ۾ پرائمري ماسترن جو پَدُ اوچو رکيو. ڪنهن زماني ۾، پرائمري ماستر سنڌ جي ڳوٺن جي سونهن هوندو هو. ننڍا وڏا، سڀَڪيا ستاڀا، توڙي غريب غربا سندس عزت ڪندا هئا. هو سندن ٻچن جي تعليم ۽ تربيت تي مامور هوندو هو. سا پنهنجي ليکي پڻ اهڙي ڳالهه هئي، جا ماڻهن کان تعظيم طلب ڪري. پر، سندس عزت جو بنيادي سبب خود سندس پنهنجو علم ۽ اخلاق هوندو هو. ڳوٺن ۾ اسڪول مان نڪري گهٽيءَ مان لنگهندو هو، ته اٺ پڙهيل شخص به ادب سان پاسو وٺي پيٽ کي ٽيڪ ڏئي، بيهي رهندا هئا، ته استاد لنگهي وڃي. ٻلا جي منجهانئن ڪنهن جي هٿ ۾ پَنَ جي ٻيڙي هوندي هئي، ته اها لڪائي ڇڏيندو هو، ته متان استاد جي نظر پئي ۽ ائين سوچي ته ’هي بدبخت ٻيڙي ٿو ڇڪي!‘

پيٽرول لڌو آهي. تہ ڌن ۽ دولت جا درياءَ پيا وهن. اڄ ڏڏيون ڇڙيون ٿيون وڃن. ريگستان جي خيمن ۾ رهڻ وارا بدو سگورا، لنڊن ۾ عيش عشرت لاءِ محلاتون پيا خريد ڪن.

سنڌ ۾ بہ بدين پاسي پيٽرول لڌو آهي. پارڪر ۽ ٿر جي پاسي اڃا ڪونہ لڌو آهي. البت، اتي ڪوئلي جا وڏا ذخيرا مليا آهن، ۽ چون ٿا تہ اهو اعليٰ درجي جو ڪوئلو آهي. ڪي ڌاتو بہ مليا آهن. سو، جيڪڏهن جديد سائنسي علمن جي روشنيءَ ۾ پارڪر ۽ ٿر تي تحقيق ٿيندي، تہ اهڙا قدرتي ذريعا دريافت ٿيندا، جيڪي هن خطي کي ڏاڍو زرخيز ثابت ڪندا ۽ پارڪر جي تاريخ نئين سر لکبي.

پر، منگهارام ”اوجها“ جي هن ڪتاب جي اهميت پوءِ بہ ساڳي رهندي. نہ رڳو ايترو، پر جيسين پارڪر ۾ اهڙيءَ خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ وارو ڪو دور اچي، تيسين اتان جي موجوده رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ اڳوڻيءَ تاريخ ۽ سڀيتا جا اهڙا پاسا ۽ پہلو جاچڻ ۽ قلمبند ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيڪي استاد منگهارام اوجها کان رهجي ويا هئا.

سنڌي ادبي بورڊ
١٩-٤-١٩٩٨ع

غلام رباني آگرو

# ديباچو

ڪوچ ڪري ويا، سيئي هن سنسار مون،
پير پيغمبر اوليا، جن پنهنجا پنٿ ڪيا،
گياني ڌياني گرهستي، "سامي" پند پيا،
سيئي غيب ٿيا، تو ڇا سمجهيو پاڻ ڪي.
- سامي

ٿر جي ٻاري بيابان ۽ اوڪن پهاڙن ۾ ڪئين ڀهڪندڙ ٻوٽا ۽ رنگبرنگي گل هئا، جن جي سرهاڻ چمن کي چمڪايو ٿي، جن جي مهڪار هندين ماڳين پکڙجي ٿي ويئي، ۽ جن جي سڳند ڏيل دماغ کي معطر ٿي ڪيو. انهن جي ڏوپ-واس لاءِ ڪير تو اٽانگا ٽڪر ٽاڪي ۽ آنهن پٺين جي پرک ڪري! ڪنهن به ملڪ کي پنهنجي تاريخ نه آهي، ۽ وڏڙن جا وٽندڙ ٻول ۽ سگهڙن جا مٺا سخن لکيت ۾ نه آهن، ته اهو ملڪ ۽ قوم سدائين لاءِ مرده آهي. هڪ انگريز شاعر چيو آهي:

Lives of great men all remind us,
We Can make our lives sublime,
And departing leave behind us,
Foot-prints on the sands of time.

[مهاپرشن جا جيون اسان کي يادگيري ٿا ڏيارين ته اسين پنهنجي حياتي شاندار بنايون، ۽ جڏهن هن دنيا مان لڏي وڃون، تڏهن وقت جي واريءَ تي پنهنجا نشان ڇڏي وڃون.]

پارڪر صدين کان وٺي تاريخ جو اهم ڀاڱو ٿي پئي رهيو آهي. مون کي ڪن سالن کان وٺي پارڪر جي قديم روايتن سان دلچسپي پئي رهي، تنهنڪري مون پنهنجي بدلي سال ١٩٥٨ع ۾ پنهنجي ڳوٺ

# پارڪر

سنڌ سونهاريءَ جو تمام شاندار ۽ اهم ٽڪر "پارڪر"، تنهن لاءِ عام مقولو آهي ته "پارڪر جا پهاڙ، جهنگ ۽ جهاڙ، رڳو آهي ٻَڪ ۽ آڳهاڙ، رڻ ۽ رائو، لنگهه ۽ لاهو، مال ٻه رڪن ماهو، ته ٻه ڏائو ڪو ڏونڊيو ليي!" رڻن ۾ رڃ، رڳي سڃ ئي سڃ، اڇ وڇ جو اهنج، سڃوئي پڙيانگ، نه ساٽي نڪو سانگ، جتي ڪاتڪ جي اڪ نڪريو پوي: اهڙي ڏکئي ڏونگرات ڏيهه ۾ جو پُرش پيدا ٿيو، تنهن جو ڀاڳ اڀاڳ يعني ڇانيي جو ساڳ!

اهو پارڪر يا ننگر پارڪر جو تعلقو، ٿرپارڪر ضلعي ۾، سنڌ جي ڏکڻ اڀرنديءَ ڪنڊ تي آهي، جنهن جي ڏهن ٽپن مان ست ٽپا ٿر ۾، ۽ ٽي ٽپا پارڪر ۾ آهن. نقشي تي پارڪر وارو ٽُڪر ڇڻ ته هڪڙو آڀيٽ آهي، جنهن جي ٽنهي – پاسن، ڏکڻ، اولهه ۽ اوڀر ڪان، وارياسو رڻ ڦري آيو آهي. پارڪر واري ڀاڱي جي ڊيگهه ٣٠ ميل، ۽ ويڪر ٢٠ ميل آهي. اهڙيءَ طرح، ننگرپارڪر تعلقي جي پکيڙ ١٦١٧ چورس ميل ٿيندي.

## "پارڪر" تي نالو ڪيئن پيو

جون ٿا ته پارڪر جي پر وارو ڪڇ جو رڻ اڳي سامونڊي کاري هو. ماڻهن کي اها کاري پار ڪرڻي پوندي هئي، سو ان کي چوندا هئا "پار آڪر"، جنهن مان ڦري ٿيو "پارڪر". ان بابت هڪڙي ڏند ڪٿا مشهور آهي، جنهن موجب اهو نالو 'پاراسر' نالي رشيءَ تان پيل آهي، آها هن ريت آهي:

ڪنهن سمي، پارڪر جو پرڳڻو جڏهن پاڻيءَ هيٺ هو، تڏهن جتي اڄ بستي آهي، اُتي ڀيانڪ سمنڊ پيو ڇوليون هڻندو هو. هڪ ڏينهن پاراسر رشيءَ ڌيان ڪيو ته ڪو اهڙو پوتر آستان ڳولجي، جتي پنهنجو تپ سڦل ڪري سگهجي؛ ڇو ته ايڪانت ۾ انسان جو من هڪ ٽڪاڻي بيهي ٿو. پاراسر رشي، هڪ مها تيجسوي تپسوي ۽ تمام پهتل شخص هو. ڪيس ڌيان ۾ ڪارونجهر جبل ڏسڻ ۾ آيو، تنهنڪري پنهنجيءَ تپسيا يا بندگي جو پڪو پرڻ ڪري، ڪارونجهر جبل ۾، هاٿوڪي ساڙدري ڪان ڪجهه مٿيرو، هڪڙو هنڌ پسند ڪري، اُتي پنهنجي اکنڊ تپسيا شروع ڪيائين. پيرجي هر هڪ آڱر تي بيهي، هڪ-هڪ هزار سال تپسيا ڪيائين. هرهڪ آڱر جا نشان اڄ ڏينهن تائين جبل تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. تپسيا جي پڄاڙيءَ وارن ڏينهن ۾، پاراسر رشيءَ جي استريءَ، پوپٽ جي ڳچيءَ ۾ لٽڪائي ڏانهنس هڪڙو ڪاغذ ڏياري موڪليو، جنهن ۾ ڪيس موٽي اچڻ جي وينتي ڪئي هئائين. پاراسر پنهنجي جسم جو پگهر لاهي، ڪاغذ ۾ ويڙهي، پوپٽ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي موڪليو. پوپٽ جڏهن وچ سمنڊ تي پهتو، تڏهن هڪڙي باز ڇهڙپ هڻي، پوپٽ کي ڪيرائي ڇڏيو، ۽ اهو پگهر وڃي سمنڊ ۾ هڪڙي مڇيءَ جي پيٽ ۾ پيو، جنهن مان هڪڙي سندر ڪنيا پيدا ٿي. سمنڊ جي نزديڪ رهندڙ مهاڻن اُن سندر ڪنيا کي پالي وڏو ڪيو، ۽ سندس نالو رکيائون ”مڇندرا“، يعني مڇيءَ مان پيدا ٿيل. مڇندرا جڏهن وڏي ٿي، تڏهن ان جو سندر روپ سورج کان وڌيڪ تيج ۽ تاب ڏيکارڻ لڳو. هيءَ من موهيندڙ اپسرا جڏهن چانڊوڪيءَ سان چلڪندڙ پاڻيءَ ۾ اڪيلي واهڻ هلائيندي هئي، تڏهن سندس جوڀن ۽ جمال کان چنڊ جو جوهر به جهڪو ٿي پوندو هو. مڇندرا جڏهن پنهنجي وهيءَ جا سورهن سال پورا ڪيا، تڏهن پاراسر رشيءَ، پنهنجي تپسيا پوري ڪري،

## قدرتي جوڙجڪ

ننگرپارڪر شهر جي پسگردائيءَ واري، چوويهن ميلن جي پٽ کي "پارڪر" ۽ ڪنڀي وارو ڀاڱو ڪري چوندا آهن، جنهن ۾ ننڍيون ٽڪريون آهن، ۽ ٻئي حصي کي "ٿر" وارو ڀاڱو ڪري چوندا آهن، جتي واريءَ جون ڀٽون آهن.

## آبهوا

سڄي تعلقي جي آبهوا سياري ۾ سرد ۽ اونهاري ۾ گرم رهي ٿي. ڍٽن وانگر، ٽڪريون به سياري ۾ ٺرن، اونهاري ۾ گرم رهن ٿيون.

## ڪارونجهر جبل

هيءُ جبل، ننگرپارڪر شهر جي چوڌير گولائي قطار جي صورت ۾، ڏکڻ ۽ الهندي پاسي، اٽڪل سورهن ميلن ۾ پکڙيل آهي. ان جي اوچي چوٽي زمين جي سطح کان هڪ هزار فوٽ مٿي آهي، جتي تروٽ صاحب جو ٿلهو ٺهيل آهي، جنهن کي "صاحب چڱو" ڪري چوندا آهن، هن جبل ۾ ڪيترائي قديم آستان ٺهيل آهن، جي ڏسڻ وٽان آهن. منجهس ڪيترائي پانڊون جي نالن جا نشان آهن. چون ٿا ته ڪوروَن جڏهن پانڊون کي ١٣ سال ديس نيڪالي ڏني هئي، تڏهن پنج ئي پانڊو ڪجهه وقت ڪارونجهر جبل ۾ اچي رهيا هئا. اڄ تائين ڪن نشانن کي ڀيم گوڏ، ڀيم گاڏو، ڀيم تلاءُ، ارجڻ ٻاڙ، وغيره ڪري ڪوٺيندا آهن. ڪارونجهر جبل جو پٿر عمارتن ٺاهڻ لاءِ ڪم ايندو آهي. جبل مان گگر، ماکي، مختلف ٻوٽيون، ڪاٺيون وغيره، مزور ماڻهو جام آڻي وڪرو ڪندا آهن. تنهنڪري عام چوڻي آهي ته "ڪارونجهر ۾ روزانو سوا سير سون پيدا ٿئي ٿو"- يعني هن جبل جي ايتري پيدائش آهي، جنهن جي قيمت روزانو سوا سير سون جي برابر آهي. هن جبل ۾ قسمين قسمين ٻوٽيون پيدا ٿين ٿيون، جي

ٿلاءُ آهي، جنهن جي چوگرد پڪي پٽ چُٽيل آهي، سنگها ٿلاءُ، جو ويرا واهه جي پرسان آهي، سو ويرا واهه جي سوڍن کي جاگير طور مليل آهي. منجهس سال بسال ڪٽڪ جي پيدائش جام ٿئي ٿي.

## ٽڪريون

پارڪر ۾ ننڍيون ننڍيون ٽڪريون تمام گهٽيون آهن- جهڙوڪ ڏونگري جي ٽڪري، ڏيٿي ٽڪري، راڻيپور جي ٽڪري ۽ چوڙيئي جي ٽڪري، وغيره.

## آستان

ڪارونجهر جبل ۾ هندن جا هيٺيان آستان ڏسڻ وٽان آهن:

**(١) ساڙ درو:** پاراسر رشيءَ جي سراپ، يا ڌرتيءَ جي زلزلي يا راءِ نوگهڻ جي سنڌ تي ڪاهه وقت وروڙيءَ جو چوسڻ- انهن ٽنهي روايتن مان اتهاس ڌرتيءَ جي زلزلي کي اهميت ٿو ڏئي؛ ڇاڪاڻ ته ڌرتيءَ جو زلزلو پارڪر ۾ ضرور آيو هو، جنهن پاري ننگر جهڙيءَ وسندڙ آباديءَ کي برباد ڪيو. بهرحال، سمنڊ سڪي ويو، ۽ پوءِ آتي ڪن سالن کان آهستي آهستي بستي ٿيڻ لڳي.

ساڙدري لاءِ هڪڙي جهوني ڳالهه مشهور آهي. هڪڙو هرڻ ۽ هرڻي، جبل ۾ پيا ڦرندا هئا. ڏينهن جو پاسي وارين ٻنين ۾ گهمي، رات جو جبل ۾ اچي رهندا هئا. هڪڙي رات جو جيئن هرڻ ۽ هرڻي، ڇلانگون ڏيندا، جبل تي پئي چڙهيا، ته هرڻ اوچتو هڪڙي پاڻيءَ سان ڀريل ڪُن ۾ وڃي ڪريو، ۽ مري ويو. هرڻي جيئن ڇلانگ ڏنو، ته آها وڃي ڪُن جي پاسي ۾ بيٺل ”ڦدام“ جي هڪڙي وڻ ۾ اٽڪي، آهستي آهستي هرڻيءَ جا سمورا هڏا، سڙي ۽ ڳري، آن ڪُن ۾ پوندا رهيا، ۽ پاڻيءَ ۾ حل ٿي ويا. هندن جي شاسترن مطابق آن پاڻيءَ ۾ ڪا اهڙي غئبي طاقت هئي، جو هرڻيءَ جا هڏا

مُڪت ٿي ويا، ۽ رڳو سسي وڻ ۾ اٽڪيل رهي. ڪُن ۾ هرڻيءَ جي ڪِرڻ سبب، اُن ڪُن (ڪُنڊ) جو نالو ”مرگهي-ڪنڊ“ پيو.

هندن جي شاسترن موجب جيئڻ ٿري اوتار وٺي ٿو، سو اُن هرڻيءَ پاڻڻ جي هڪ زبردست سيٺ جي گهر نياڻيءَ جو جنم ورتو. اُن نياڻيءَ کي جنم کان مٿي جو سور هو. ڪيئن ڊاڪٽر، طبيب، ويد ۽ حڪيم علاج لاءِ گهرايا ويا، پر ڪنهن جي ڦڪيءَ فرق نه ڪيو. تان جو ان ڪنيا کي پرڻائي ڇڏيائون، پر سندس مٿي مان سور اجا نه ويو.

هڪڙي ڏينهن پارڪر مان ڪي واپاري اُٺن تي مگ ڪٽي پاڻڻ ۾ وڪڻڻ آيا، جڏهن آهي مگ سيٺياڻيءَ جي گهر آيا، تڏهن هن هڪدم ڇئي ڏنو ته هي مگ ”پيڙيا“ واريءَ ٻنيءَ جا آهن! (پيڙيا ٻني پارڪر ۾ آهي.) گهر جا ماڻهو اجرج ۾ پئجي ويا ته هن استريءَ مگ ڪيئن سڃاتا!

پوءِ هڪڙي ڏينهن، هڪڙو برهمڻ آتي آيو، تنهن انهن کي ٻڌايو ته هيءَ استري اڳي هرڻي هئي، ۽ سندس سسي ڪارونجهر جبل ۾، ڪنڊ جي پاسي ۾، ”قدام“ جي هڪڙي وڻ تي اٽڪيل آهي؛ ڪو ماڻهو وڃي اُن سسيءَ کي اتان لاهي ڪنڊ ۾ وجهندو ته هيءَ مائي چڱي ڀلي ٿي پوندي، سيٺ جا ماڻهو ڪارونجهر جبل ۾ اچي ڏسن ته برابر قدام جي وڻ تي هرڻيءَ جي سسي اٽڪيل آهي! ماڻهن وڃي سڀ سماچار سيٺ کي سڻايا. سيٺ ۽ سيٺياڻي پاڻڻ کان روانا ٿي پارڪر آيا، ۽ وڻ مان هرڻيءَ جي سسي لاهي ڪنڊ ۾ وڌائون، ته مائيءَ جي مٿي مان سور هڪدم غائب ٿي ويو.

سيٺ انهيءَ واقعي جي يادگيريءَ کي قائم رکڻ لاءِ مرگهي-ڪنڊ جي پاسي ۾ ٻه ڏيهرا ٺهرايا، جيڪي اڄ ڏينهن تائين قائم بيٺا آهن. اُنهن ڏيهرن ۾ قديم شِو ۽ پاربتيءَ جون مورتيون به موجود آهن. خود سيٺياڻيءَ جي چوڻ تي

پکي سوڻي ڪوئل ڳگهه پوپٽ،
ڪنگ سان مور ڪلور ڪري،
ڳج سار سڄاتڪ ڪاڳ ڪُونا،
چتر سمڙي گرج جهڙي:
جهرڙات پکن وچ ٻيرو جهيڪت،
ڳوئڙ گاجي آواز گهڻو،
سازڙدري شيو رات رو،
آئي ورڻ اڍار گهڻو.
جهانجهر جهڻ ڻ ڻ ڪري جهالر،
ويڻا منتر ستار وڄي،
در وڄي شان پکا وچ تنبور،
گرهه گري ونراج گرجي:
آرتي سانج سوير او پٽ،
پيت پوڄا گلستان گهڻو،
سازڙدري ......

**(٢) الک واو (لڪل کوهه):** هيءُ ٻوڏيسر جي جبل ۾ آهي. راڻو چندن جڏهن ڪوڙهه جي بيماريءَ ۾ مبتلا هو، تڏهن ڪنهن فقير جي ڏس تي ويري گويل نالي سندس ساٿيءَ الک واو مان پاڻي آڻي کيس غسل ڪرايو، ته ڪوڙهه جو مرض هڪدم غائب ٿي ويو. چون ٿا ته ڪيڙي به ڪوڙهه جي بيماري هجي، الک واو جي پاڻيءَ ۾ سنان ڪرڻ سان ڇڏي ويندي. پر هيءُ کوهه مشڪل سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

**(٣) انچليشور:** ننگر پارڪر جي آتر ۽ آلهندي طرف، ٻوڏيسر جبل وٽ، ننگر پارڪر کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي ٽڪريءَ جي وچ ۾ هڪ آستان آهي، جنهن کي انچليشور مهاديو جو آستان ڪري ڄاڻبو آهي.

پاسي ۾ پاڻيءَ جو چشمو آهي، جو سدائين هيٺ پيو هلي، ڇاڪاڻ جو مٿي ٽڪري آڏي آهي. هن جو پاڻي هندو پوتر ڪري سمجهندا آهن، ۽ زيارتي شيشا ڀري گهوٽ ڪٽي ويندا آهن. اڳي هتي باقاعدي پوڄاري رهندا هئا، پر هينئر نه آهن. پاسي ۾ سترامداس عامل، حيدرآباد واري جو ٺهرايل مسافرخانو آهي، جتي زيارتي ٻچن ڳائيندا آهن. مٿي چڙهڻ لاءِ ١٠٨ پڳٿيون ٺهيل آهن. حيدرآباد جو عامل مختيارڪار بونن سوڌو مٿي چڙهيو ٿي، تہ پڳٿين جي لسي هئڻ ڪري پير کسڪي ويس ۽ هيٺ ڪري فوت ٿي ويو. ڪيس ان جاءِ تي جلايو ويو، ان جو مٿي ٺهرايل چبوترو اڃا قائم آهي.

(٤) **ناني:** ننگر پارڪر کان الهندي، جبل جي چوٽيءَ تي هڪ بلڪل نرالو پٿر ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن کي ”ناني“ ڪري چئبو آهي. چون ٿا تہ هن مائيءَ جبل ۾ مال پئي چاريو تہ هڪ درويش اچي ڪانئس کير گهريو. مائيءَ کير ڏيڻ کان انڪار ڪيو، تنهن تي درويش سراپ ڏنو تہ، ”مائي، تون پٿر ٿي پوندينءَ!“ درويش جو وچن آگي در اگهجي ويو، ۽ مائي سچ پچ پٿر ٿي پيئي.

(٥) **ڀيم گوڏا:** گئؤ مکي کان ٿورو مٿيرو، هڪ پاڻيءَ سان ڀريل کُن آهي، جنهن جي ويڪر ٻہ فوٽ ۽ ڊيگهہ ٽيهہ فوٽ کن آهي. ان کي ”ڀيم کُن“ بہ ڪري چئبو آهي. هن کُن ۾ سدائين پاڻي هوندو آهي. روايت آهي تہ پانڊون جي ڀاءُ ڀيم کي هن جبل ۾ ڪٿي بہ پاڻي نہ لڌو، سو جڏهن هن جاءِ تي زور سان لت هنيائين، تہ گوڏي تائين پاڻي نڪري آيو؛ تنهنڪري هن کي ”ڀيم گوڏا“ ڪري چئبو آهي.

(٦) **گئؤ مکي:** هيءَ ساڙدري کان ڏکڻ طرف، ٻن ميلن تي آهي. هتي وڃڻ لاءِ رستو تمام ڏکيو آهي. پاڻيءَ جي سدائين هيٺ ٿي وهڻ ڪري، پٿر لسا ٿي پيا آهن، آڏي

حالت ۾ آهي. ڇو ته سوڍا جنهن وقت ننگر ۾ حڪومت ڪندا هئا، تڏهن پنهنجو خزانو ۽ بارود انهيءَ پونئري ۾ لڪائي رکندا هئا. چون ٿا ته اهو پونئرو گوڙيءَ جي مندر واري پونئري سان مليل هو. ننگر ۽ گوڙيءَ جي وچ ۾ چوڏهن ڪوهه مفاصلو آهي. جڏهن انگريز سرڪار، ننگر، ٺڪرن کان فتح ڪيو، تڏهن آن پونئري جي کوٽائيءَ جو ڪم شروع ڪيائون. پر پونئرو اهڙو پيچدار ۽ زير-زبر ٿيل هو، جو آن جو ڪوبه پتو نه لڳو ۽ نه ڇيهه آيو، تڏهن لاچار کوٽائيءَ جو ڪم بند ڪيو ويو.

# پيريئي ڳاروڙيءَ جو ڪارونڀهر جبل ۾ نانگ جي ڳولا ڪرڻ

ٽِڪن نه ٽانئيم تي، ويهي ڪيا مون وس،
ماڻ ماريندم، تن ڳاروڙين جا ڳس،
چاشنيون ۽ چس، وٽن نه ويراڳين ڪي.

ڳاروڙي ٻه ڪاپڙين جو هڪ قسم آهي. پيريئي جي وارتا ٿر، مارواڙ ۽ ڪڇ ۾ عام طرح ڏاڍي اتساهه ۽ اُمنگ سان ٻُڌي ويندي آهي. هن ڳالهه جو هت ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته ٿر جا ماڻهو جڏهن ٻاڙي تي رات جو اَنن تي چڙهي ويندا آهن، تڏهن اُتي وات ۾ ساڄي هٿ پاسي جي پيرَو پکي ٻوليندو آهي ته ٻَڌ سوڻ سمجهي سڀ اَٽ ٻيهاري ڇڏيندا آهن، جيستائين اُن پکيءَ جو آواز بند نه ٿئي. ڪو سگهڙ هوندو آهي ته هيئن چوڻ شروع ڪندو آهي:

آڳيو ٻيتال، ڪاپڙو چور، پيريو ڳاروڙي،
جي ڏاڻي هوئي، تو جيٽي آئي.

مٿين ٽنهي جا نالا وٺي، جيڪڏهن ڏانو پکي ڳالهائيندو هجي، ته ساڄي طرف اچي، اعتبار ڪيو ويندو آهي ته ائين چوڻ سان آفت ڪانه ايندي.

## پيريئي جو جنم

راجا ساليواهن، جنهن جي پويان هندن جو سنبت شروع ٿيو، تنهن جي پوٽي جو نالو ”ڀٽي“ هو. سندس اولاد، جيسلمير جا ڀاٽي راجپوت آهن. چوڻي آهي ته:

گڍ دهلي، گڍ آگرو، گڍ بيڪانير،
ڀلو چڻايو ڀاٽيئي، گڍ جيسلمير.

۱۹۴۷ع کان اڳ جيسلمير جي پاڻين جو ڪم صرف ڌاڙا هڻڻ هو. اهي ڌاڙيل سڄي ٿرپارڪر تائين اچي ڌاڙا هڻندا هئا. ڳوٺ ڪانڌيي، تعلقي چاڇري ۾، پاڻين ڏينهن ڏٺي جو چار دفعا ڌاڙو هنيو هو. پاڻي صرف ننگرپارڪر کان ڪنارو ڪندا هئا، ڇاڪاڻ ته جيسلمير جي مهاراجا جي ڪنيا پڌياڻي، پارڪر جي راڻي چندن کي پرڻايل هئي. جيسلمير جي پاڻين جي پنجين پيڙهيءَ تي راجا ”پاڻ“ راڄ ڪندو هو. پاڻ جو پيڪو هنڌين ماڳين مشهور هو. پاڻ کي ٻه ڪنور هئا، هڪ سہرو ۽ ٻيو مورو. ننڍي هوندي ئي سہرو موت جي سيجا تي سُتو، تنهنڪري راڄ ستا ۽ گاديءَ جو موڙ موري کي مليو. موري جي بادشاهيءَ ۾ ڪابه خامي ڪانه هئي. سندس حد ۾ قحط ڪنارو ڪندو هو. پئسي جي پرواهه ڪانه هئي. ايتري هوندي به موري جو من ملول ۽ اندر اداس رهندو هو. مورو هڪ اهڙي مرض ۾ مبتلا هو، جنهن جو اوکو نه ويدن وٽ هو ۽ نه ڦڪي فقيرن وٽ هئي. هن جي دل جي دوا هئي اولاد، جنهنڪري ان کي سدائين لال جي لوري لڳل هوندي هئي. سندس مرڻ بعد خاندانيءَ جي تباهيءَ جا آثار نمودار ٿيڻ لڳا. حڪومت جو حق هيئن هليو ويو، تنهن ڳڻتيءَ موري کي ڳاهه ۾ ڳاهي ڇڏيو هو. رات ڏينهن ڀڳوان جي بندگي ۽ الله جي عبادت ڪندي به موري جي منوڪامنا سڦلتا جي درجي تي ڪانه پهتي. اهڙيءَ طرح، ارمان ۾ آنسو پئي وهايائين، ته اوچتو شهر ۾ اهڙو افواهه اٿيو ته هڪ سچو سنياسي، ڪنقاڙ ڪاٻڙي، لاهوتي لانگوٽيو، قلعي جي دروازي وٽ دونهي دکايو ويٺو آهي. جڏهن موري کي، هن مڃيل مهاتما ۽ پرديسي بزرگ جي پروڙ پيئي، تڏهن امالڪ ان فقير وٽ پهتو. ساميءَ جي پيرن تي سر رکي، درويش اڳيان پنهنجو درد ڀريو داستان ذري پُرزي ظاهر ڪيائين. ويراڳيءَ راجا کي ورلاپ ڪندو ڏسي، دکايل تي ديا آندي، ۽ پنهنجي

ڏوڙيءَ مان رک جو ذرو ڏيئي، کيس چيائين تہ ”اي راجا، تو کي پُٽ ٿيندو، پر گاروڙي، موالي، ۽ جوڳي ثابت ٿيندو.“

سامِيءَ ڏني چَپٽي، ڀڀوت مان ڀري،
پُٽ تہ ايندو مورو، پڻ گاروڙي گهري.

راجا اولاد بغير آجهايل هو، تنهن چيو تہ ”اي مهاتما، اوهان جا ست وچن! جي موري کي موالي پٽ ٿيندو تہ بہ وانجهڙي جو ٽڪو ٽرندو.“ تڏهن فقير وري بہ پنهنجي ڏوڙيءَ مان سِپاءِ جي چپٽي ڏيندي چيو تہ ”اي راجا، تو کي ٻيو پٽ ٿيندو، آهو تنهنجي مرڻ پڄاڻا حڪومت جو وارث ٿيندو.“ راجا سنياسيءَ جا چَرڻ چمي روانو ٿيو. جوڳيءَ جو وچن جوٺو نہ نڪتو، ۽ ترت موري جي گهر ٻن پٽن جو جنم ٿيو. موري پٽن جو ٻڌي دل کولي دان ڪيو.

پاٽسوري ڪنور ڀيريو، کيهر ٿيو ٻيو،
هي جيسلمير جو راڄيو، هُو گاروڙي ٿيو.

موري پنهنجي موهي پٽ جو نالو ”ڀيريو“، ۽ ننڍي جو نالو ”کيهر“ رکيو. ڀيريو گاروڙي ٿيو، ۽ کيهر راجا ٿيو. ڀيريو ننڍي هوندي کان ئي دنيوي ڳالهين کان پري رهندو هو. سارو ڏينهن ڪانن مان مرليون ٺاهي وڄائيندو هو، ۽ پنهنجن سنگتين کي بنسريون ڏيئي، انهن کي وڄائڻ سيکاريندو هو. پندرهن سالن اندر هن پنهنجيءَ وديا ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي، ۽ ايتري عرصي ۾ پنهنجا اڍائي سؤ سنگتي بہ ٺاهي ڇڏيائين، جي ڀيريئي کان سواءِ پلڪ بہ پري نہ گذاريندا هئا. راجا مورو، ڀيريئي جي اها گَت پَسي کيس وقت بوقت سمجهائيندو هو تہ ”تون هاڻ وڏو ٿيو آهين، سڀاڻي راڄ هلائيندين، تنهنڪري انهن ڳالهين کان باز اچ.“ پر ڀيريئي تي ان جو ڪوبہ اثر نہ ٿيندو هو، ۽ آئندو موري جا قول ٻاهم تي گيهہ جو ڪم ڪندا هئا. نيٺ هڪ ڏينهن موري چيو تہ ”تو کي هڪ

مهيني جي مهلت ٿو ڏيان، تون انهن سڀني ڳالهين کي ڇڏي ڏي، نه ته توکي سزا ڏيندس!" پيريئي ڳالهه ٻڌي، ساٿين کي سڏي، برهم جون ٻنسريون زور سان وڄايون:

گڏجي گاروڙي ٿيا، جاما پهري تَن،
مهيتپ سندا من، مرلين موهي ڇڏيا.

## پيريئَي جي ديس نيڪالي

پيريئي کي ائين ٻڌڻ ۾ آيو ته راجا جي حيثيت ۾ حڪم ڏنو ته چوويهن ڪلاڪن اندر پيريو جيسلمير جي حد سان نڪري وڃي. پيرئي پنهنجي پيءَ جي حڪم جي ترت تعميل ڪئي، ۽ پنهنجا تمام ساٿي سنيرائي، گام جي گوندريءَ، پنهنجي پياري جنم ڀوميءَ کي آخرين الوداع ڪري، منڊلي مچائي، روانو ٿيو. پيريئي جي منڊليءَ جي مُهاڙ سنڌ طرف هئي، آخر ٿورن ڏهاڙن بعد آديسين پنهنجو اوتارو سنڌ جي اُپرنديءَ سرحد تي ڪيو، جتي جوڌپور ۽ سنڌ جون سرحدون گڏجن ٿيون ۽ پچمائي ڏونگر آهي. پچمائي ڏونگر تي پرديسي پنهنجا پڪا تاڻي، گهڻا روز ٽِڪي پيا. هڪ ڏينهن پيريو ٽڪر کي ٽيڪ ڏيو سئو پيو هو، ته پٿر جي اندران آواز آيو. پيريو ڇرڪ ڀري اُٿيو، ۽ اُن آواز کي غور سان ٻڌڻ لڳو. ڏٺائين ته هڪ گروُ پنهنجن چيلن کي "يوگ وديا" جو اڀياس ڪرائي رهيو هو. پيريئي آها وديا، اُتي ئي ٻاهر ويهي سکڻ شروع ڪئي. جڏهن آخرين امتحان تي گرو پنهنجن چيلن کان سوال پڇڻ لڳو، تڏهن چيلا منجهي بيهي رهيا. پيريو ٻاهران وديا ۾ پڪو ٿيو هو، تنهن ان جا جواب ٻاهر ويٺي ڏنا. گروءَ سوچيو ته منهنجن سوالن جا سچا جواب ائين ڪير ڏيئي رهيو آهي. نيٺ پيريئي جو لڪل ڀيد ظاهر ٿيو، تڏهن گروءَ چيو ته "اي گاروڙي، تون هن وديا ۾ ڪيئن گوءِ کڻي وئين! اهڙو ڪير گروُ آهي، جنهن توکي من-وديا

ڇپ ھلائيندو ھو تہ ڪنوڻ، ڪڪرار تي، مارواڙ کان برسات وسائيندي، ٿر، پارڪر ۽ ڪڇ کي آباد ڪندي، پيچ جي ڏونگر ۾، ان نانگ تي ڪڙڪندي ھئي. برسات اھڙا تہ راڱا ڪندي ھئي، جو ڳوٺن جا ڳوٺ برباد ٿي ويندا ھئا. پيچ جو سابق مھاراجا نانگ- پنچميءَ جي ڏينھن ان جي پيرَ ۾ کير جون گھاگھروُن ھارائيندو ھو. جڏھن انگريز سرڪار کي اھا خبر پيئي، تڏھن نانگ جي پيرَ ۾ شيھو پرائي ڇڏيائون. تنھن کان پوءِ نانگ الائجي ڪيڏانھن گم ٿي ويو! نانگ جي عمر لاءِ چوڻي آھي:

سؤ ورھيہ جي سامڙي، ڪروڙ ورھين جو ڪانگ،
تن کان عمر اگيري، ٿئي ٿي سيس نانگ.

---

گوندر گذاريو ڪاپڙي، پڌر وجن نہ پاڻ،
تن آيل آديسين جي، روئان ڪاڻ رھاڻ،
ھت نہ پسجن پاڻ، ويا ويراڳي نڪري.
(شاھہ)

---

# ڪڇ جو رڻ

ڪيترين روايتن موجب، پارڪر جو سمورو پرڳڻو پاڻيءَ هيٺ هو. جتي اڄ ڀيانڪ رڻ ڏيکاري ڏيئي رهيو آهي، اتي اڳي سمنڊ جون ڇوليون لڳنديون هيون. پر پوءِ ڌرتيءَ جي زلزلي سبب پاڻي هٽي ويو، ۽ اهو وڏو وارياسو رڻ بڻجي ويو. سڪندر اعظم جڏهن سنڌ مان لنگهيو ٿي، تڏهن ڪڇ جو رڻ سمنڊ جي صورت ۾ هو. ڪاٺياواڙي ڪنوار "جاسل" کي جڏهن سنڌ جي همير سومري ستايو، تڏهن هن پنهنجي ڌرم ڀاءُ نوگهڻ راءِ کي، جو جهوناڳڙهه جو راجا هو، سنڌ تي چڙهائيءَ لاءِ هيئن لکيو:

سورٺ سٽر ٽالو پيو، وَ رتڻ آيا وير،
سنڌ ۾ روڪي سومري، هاڻ ڏي نه همير.

راءِ نوگهڻ جڏهن سنڌ تي چڙهائي ڪئي، تڏهن ان جو لشڪر، ڪڇ جي رڻ واري تڏهوڪي سمنڊ جو اٿاهه پاڻي ڏسي بيهي رهيو. سلطان محمود غزنوي جڏهن ١٠٢٤ع ۾، سومنات فتح ڪرڻ لاءِ ويو ٿي، تڏهن ان کي هر ماڻهوءَ اهو ڏپ ٿي ڏنو ته ڪڇ جي سمنڊ جون لهرون تنهنجو لشڪر لوڙهي ڇڏينديون. ڇهين عيسوي صديءَ ۾ يوناني سياح "پيپلس" اتان لنگهيو هو، جنهن هن سمنڊ جو ذڪر ڪيو آهي. مطلب ته ڪڇ جو رڻ اڳي سمنڊ هو، ۽ اُن جو عظيم الشان بندر پاري نگر هو، جتي اڄ به لوهه جا ٽڪر ۽ ٻيا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

ڪڇ جي رڻ جي پکيڙ ست هزار چورس ميل آهي. ١٩٤٧ع کان اڳ، ڪڇ جي رڻ مان پارڪر جي گهٽي آمدرفت ٿيندي هئي. ماڻهو گاڏين، اٺن ۽ گهوڙن تي ويندا هئا. وچ ۾ ٽي-چار ڀيٽ ايندا هئا، اتي ڊاهو ڪندا هئا. خاص ڪري

(۲۱ راءِ ٿيندا راڪاس، ورتي سان وروڌ،
راڻيون چڏيندا ريس ۾، ڦرندا پرائي شوڌ.
(۲۲) ماڙوئي ٿيندو مقام، سا پر ٿيندو شهر،
گڏ پتي ٿيندو گرگرا، ڦرندو آگهاڙي پير.
(۲۳) ڏينهن ايندا ڏک جا، آن ڏلدن جي وير،
ترجاري تي پيڙا ٿيندا، ڪندا جاڙيجا ڪير.

## پارڪر جا پرمار

پرٿوي پهلا پرمار، پرٿوي پرماران ٿٿو،
هيڪ اُجين ڌارا، ٻيجو آبو ٻيٺو.

هندو شاسترن مطابق شري پرسرام کي ڇهون اوتار ڪري ليکيو وڃي ٿو. شري پرسرام رشيراج جمدا گني جو وڏو پٽ هو، جنهن شري رامچندر جي ڌنوش ٽوڙڻ وقت، جنڪ پريءَ ۾، سيتا جي سويمبر ۾ اچي گوڙ مچايو هو، ۽ پوءِ رام اوتار جي پرگهٽ ٿيڻ جو ٻڌي، انترڌيان ٿي ويو هو.

هڪ دفعي راجا ڪيرتويم، پنهنجيءَ آسنکيم سئنا (بيشمار لشڪر) سميت، شڪار ڪندي، اوچتو رشي جمداگنيءَ جي ڪُٽيا ۾ اچي نڪتو. رشيءَ، راجا جو آدرستڪار ڪيو، ۽ ”ڪامڌينو“ ڳئون جي وسيلي هڪدم ماني تيار ڪري ورتائين. ايڏي لشڪر جي ماني چند ڪلاڪن ۾ تيار ٿيڻ ڪري، راجا کي ڏاڍو عجب لڳو. راجا کي ترت خبر پيئي تہ رشيءَ وٽ ”ڪامڌينو“ آهي، جا هرسنو ڪامنا پوري ڪري ٿي، تنهنڪري راجا، رشيءَ وٽان اها ڳانءِ گهُري. پر رشيءَ ڏيڻ کان انڪار ڪيو، تڏهن راجا زوريءَ ڳانءِ کاهي هليو ويو. پرسرام اُن وقت تپسيا لاءِ بن ۾ ويل هو. شام جو گهر آيو، تڏهن دستوري طرح ماءَ کان کير گهُريائين. ماءَ ڳانءِ جا سمورا سماچار پرسرام کي ڏنا. ساري ڏينهن جي تپسيا ڪري آيل پرسرام، ڪاوڙجي، پرڻ ڪيو تہ ڳانءِ جو کير پي پوءِ

رواج آهي. سندن وڏيون اکيون هروقت ڪجل سان ڀريل هونديون آهن، جيڪي ڳوري رنگ تي ڏاڍو سٺو ڏيکاءُ ڏينديون آهن. چون ٿا ته هڪ ڀيري پاري نگر جي هڪ مکيه سوڍي جو ڪنور صبح جو گهوڙي ڪي آن تلاءَ تي پاڻي پيئارڻ آيو. ڪيتريون ئي ڪجليون ان وقت تلاءَ تي منهن ڌوئي رهيون هيون ۽ پاڻي سمورو ڪارو ٿي ويو هو، تنهنڪري ان ڪنور ڪين گهٽ-وڌ ڳالهايو انهيءَ ڳالهه اوساڻن ۾ جڳو تاءُ پيدا ڪيو، ۽ هو پاري نگر کي ڇڏڻ جا سانباها ڪرڻ لڳا. پاري نگر ۾ هڪ ارب-پتي اوساڙ، ڪاجل شاهه نالي رهندو هو، تنهن اهو ”ڪاجلاسر“ تلاءَ ٺهرايو هو.

## ڪاڇبو پرمار

پاري نگر ۾ ڪاڇبو نالي پرمار رهندو هو، جنهن جي ڳالهه مگڻهار لوڪ ڏاڍي اُمنگ ۽ اُتساهه سان ڪندا آهن. روايت آهي ته ڪاڇبي پرمار کي سندس ڀاڀيءَ مهڻو ڏنو: ”ڏسان ته تون ڪاڇي گُد جي ڪماري پرڻجي ايندين!“ ڀاڀيءَ جي مهڻي ڪاڇبي جي ڪليجي تي ڀاري اثر ڪيو ۽ هڪدم ڪاڇي گُد جي ڪماريءَ کي هٿ ڪرڻ لاءِ، پنهنجا تمام ساٿي سنيرائي اُنن تي چڙهي روانو ٿيو. پاري نگر کي آخرين پرڻام ڪندي چيائين:

”ڀاڀڇ مهڻو مت ڏئي، مهڻو مٿي رو گهاءُ،
ڪا ڪماري لاوَ سان، تا آن پاڻي نان ناء“

[اي ڀاڀي، تون مهڻو نه ڏي. تنهنجي مهڻي منهنجو من چيري ڇڏيو آهي. هاڻ جيستائين ڪُماري نه آڻيندس، تيستائين اَنُ پاڻي حرام آهي!]

ڪاڇبو ۽ سندس ساٿي، پنڌ ڪندا، نيٺ گجرات پهتا ۽ گام جي گونديءَ وٽ هڪ تلاءَ وٽ اچي ڏيرو ڪيائون.

پٽ جو مڱڻو هڪ لوهار جي حسين ڌيءَ سان ڪرايو. پاري نن-گر ۾ ان وقت لوهارن جي اڪثريت هئي، ۽ منجهس نَوَ سؤ گهر رهندا هئا، جي شاهوڪار هئا. لوهار ڇوڪريءَ، ٻي ذات جو وَرُ قبولڻ ڪان انڪار ڪيو، پر قوم وارن ڪيس زوريءَ پرڻائڻ تي گهريو. تنهنڪري ڇوڪريءَ پاراتو ڏنو ته ”اوهين ڪڏهن به سُک سان ويهي نه سگهندؤ!“ ڇوڪريءَ جو پاراتو پورو ٿيو، ۽ لوهار سدائين پٽڪندا وتن. آخر، ٽڪرن جي ستائڻ تي، لوهار لڏي اچي گهوٽياري وٽ رهيا. ٻيءَ ڏند ڪٿا موجب، هن شهر ۾ هڪڙو درويش فقير رهندو هو، تنهن هڪڙي ڏينهن ڪنهن مقرر طلب جي خيرات لاءِ صدا هنئي، پر ڪنهن به سندس گهُر پوري ڪانه ڪئي. تڏهن هن بي اختيار چئي ڏنو ته ”سياڻي پاري ننگر ناس ٿيندو!“ فقير جو عرض اگهاڻو، ۽ ٻئي ڏينهن سارو شهر غرق ٿي ويو.

بهرحال قدرت جا ڪم نرالا آهن، ڪڏهن پاري ننگر هڪڙو آباد ۽ عاليشان بندر هو، ۽ اڄ اهو سارو پڙپانگ ۽ ويران ٿي چڪو آهي.

---

# پوڏيسر

پدر يشر ننگري، جنهن کي هينئر "پوڏيسر" چئبو آهي، سا ننگر پارڪر کان ٻه ميل اتر-اوڀر هندي، ڪارونجهر جي هنج ۾ شو ٻيا ڏيئي رهي آهي. پدريشر جي جهونن کنڊرن جو پيڪو ڏسي، اثين ڀانئجي ٿو ته ڪو وقت هو، جو اتي ڪي تمام خوشحال انسان رهندا هئا. جاين جي بناوت ۽ آڏاوت کي ڏسي، سندن ڪاريگريءَ جو داد ڏيڻو پوي ٿو. الڪ جي الوپ مايا، پل پر ۾ باريڪ بستيون بڻائي، هندورن ۾ هيجائي ٿي، ته ڪن ۾ هزارين هستيون حيران ڪري، آسودن کي اجڙ ۽ برباد ڪري ٿي. هن وقت اهو اڳيون اوج ڪٿي؟ چند کنڊرن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نظر ڪونه ايندو. صرف سوڍن جا ٻه گهر آهن، جنهن سان پونجوجي سوڍو سچيار آهي، جنهن جي مائٽن انگريزن کي تمام گهڻي مدد ڏني هئي. سندن دوراندیشيءَ ۽ بهادري سببان، ڪرنل ايونس جي زوردار سفارش سان، سوڍي ڪاروُيا جي نالي ڇهه ايڪڙ جاگير مليل آهي.

نو ڪوٽي مارواڙ جي ڏوهيڙي مطابق، هانسي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ پاري ننگر ڪيو. ان جو پيو ڀاءُ پوڏو هو، جنهن اچي پوڏيسر وسائي. تنهن وقت ٽي هزار کن جيني واڻين جا گهر، ۽ ٻيا گهر راجپوتن جا پوڏيسر ۾ رهندا هئا. جيني واڻين جا ڏاهيل ڏهرا اڃا تائين قائم بيٺا آهن، سي ڏسڻ وٽان آهن. جيني واڻيا تمام شاهوڪار هئا، ۽ تخت نشين راڻي پوڏي کي خراج پڻ ڀريندا هئا.

راڻي پوڏي هڪ زبردست تلاءُ ٺهرايو هو، جنهن جو سچو ترو ٽامي جو هو. تلاءُ جي ڪناري تي هڪڙو زبردست

تہ برهمڻ جو پاڻ اچي حاضر ٿيو، جنهن کي جوتش جي علم جي خبرڪا خبر هئي. ڀنياڻيءَ برهمڻ جي پاڻ کان بہ راڻي چندن بابت ساڳي پڇا ڪئي. هن بنا سوچ ويچار جي ڪٽي جواب ڏنو تہ 'راڻو صاحب گذاري ويو!' ڀنياڻيءَ اها ڳالهہ ٻڌي اهڙي تہ ڏک ۾ وڃي ويئي، جو وڌيڪ ڪجهہ بہ ڪونہ ويچاريائين ۽ بي علم برهمڻ تي اعتبار ڪري، هڪدم اگني تيار ڪرائي، ستي ٿيڻ لاءِ ڪٽي مچ ۾ ٽپو ڏنائين. ايتري ۾ راڻو چندن اچي رهيو هو، تنهن هڪل ڪئي. پر ڀنياڻيءَ جو سرير جلي خاڪ ٿي چڪو هو. اڄ ڏينهن تائين ڪارونجهر جبل ۾ آلهندي پاسي جيڪا ندي نڪري ٿي، آن کي "ڀنياڻي ندي" ڪري ڇيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڀنياڻي راجپوتڻ آن نديءَ واري هنڌ ئي ڏاڍهہ چڙهي ستي ٿي هئي. ان وقت راجپوتن جا گروُ راجگُر برهمڻ هئا، پر هن واقعي کان پوءِ سوڍن شر مالهي برهمڻن کي گروُ تسليم ڪيو، جي اڄ ڏينهن تائين هليا اچن. سوڍن، راجگرن کي ڪڍي ڇڏيو. راڻي چندن جو چاهہ پنهنجي راڻيءَ سان ڏاڍو هو، تنهنڪري سندس ستيءَ ٿيڻ بعد دک ۾ گذارڻ لڳو ۽ نيٺ ان ڳڻتيءَ ۾ حڪومت ڇڏي ڏنائين.

دشمنن کان بچاءَ خاطر، ڪارونجهر جبل ۾، راڻي چندن هڪڙو زبردست قلعو ٺهرايو هو، جنهن کي "چندن گڍ" چوندا آهن. لڙائيءَ جي وقت راجپوت ان قلعي ۾ ويهي دشمن سان مقابلو ڪندا هئا. تروٽ جي لڙائيءَ وقت ڏيسا فوج جي توبن آن قلعي کي ڊاهي ڇڏيو آهي، پر اڃا بہ ڏسڻ جهڙا نشان آهن.

## راڻي چندن جو اولاد

عام روايت موجب، ۽ ڪن ليکڪن بہ لکيو آهي تہ راڻي چندن جا ٻہ پٽ، 'سائر' ۽ 'نير' نالي هئا، جيڪي زبردست ڏاڍيل هئا. مگر هيءَ ڳالهہ ٻي آهي، جا هيٺينءَ ريت آهي:

”ڪاجل ڏيکسو ڪوڙي، ويڄل واڏڙي.“

[هاڻ ڪجل صرف ڪپڙين (ڏيلين) ۾ ئي ڏسندا، ۽ ٻيڄل (وڄ) بادلن ۾ ئي چمڪندي ڏسندا.]

## پوڙي ڏهرو

پوڏيسر ۾ هن وقت جيڪي ٻڌل ڏهرا نظر اچن ٿا، تن ۾ پوڙي ڏهرو ڏسڻ وڻان آهي. ان جي آنپن ٽيڻ جي هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي: پوڏيسر ۾ جين قوم جي هڪ مائي رهندي هئي، جا هرروز هڪ پوڙي سُٽ جي ڪتيندي هئي. ڪيترن سالن کان پوءِ آن سُٽ جي پئسن مان هُن اهو ڏهرو ٺهرايو. پوءِ ته مائيءَ وٽ اڪيچار ڌن اچي پلئه پيو. مائيءَ اهو سمورو ناڻو ڏهري جي مٿين گنبذ ۾ چڻايو. اوچتو مائيءَ جو مرتيو ٿيو، ۽ اهو ڌن آن گنبذ ۾ ئي پوريل رهجي ويو.

سڙين سال ڪن ڳالهين ۾ اٿبٽ هٺ ڪري، جڏهن جيني لڏي گجرات ڏانهن ويا، تڏهن آن مائيءَ جا چونپڙا ۽ ٻيو جيڪو سامان هو، سو ٻيم کٽي ويا. هڪ ڏينهن هڪ واڻئي آن مائيءَ جو لکيل چونپڙو پئي پڙهيو، ته ان ۾ لکيل هو: ”ماٿو وادي، مال ڪاڍي“ - يعني منهنجو مٿو وڍ، پوڙيءَ ڏهري مان مال ڪڍ. پوءِ اهو واڻيو مصنوعي طرح چريو ٿي، ڪي ڏينهن پوڏيسر رهندو هو. هڪڙي رات، وجهه وٺي، گنبذ ڪيرائي، ڌن کٽي، رفوچڪر ٿي ويو. اڄ ڏينهن تائين پوڏيسر جي ٻين ڏهرن جا گنبذ سلامت بيٺا آهن، ۽ پوڙي ڏهري جو گنبذ ڪيريل نظر اچي ٿو.

---

اوڏي ڇام هن ڪان اڳ اهڙو جوشيلو جوان ڪڏهن به نه ڏٺو هو، سو اڳتي وڌي ڪانئس پڇيائين ته ”اي اندر جا اوتار، تون ڪير آهين، ۽ هن خوفناڪ جهنگ ۾ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟“ نوجوان جواب ڏنو ته ”آءٌ پنهنجي پيتا جي وچن پاڙڻ لاءِ پانيٽيي جون ست-ويهون سانديون سرڪائڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان.“ پوءِ ته ٻنهي جي خوشيءَ جي حد نه رهي، ڇاڪاڻ ته ٻيئي ڇڙا ساڳئي ماڳ وڃڻ وارا هئا.

گهڻن ٿورن ڏينهن بعد، ٻنهي جو ڪٽڪ اچي ننگر سموئيءَ جي نزديڪ پهتو. ٻنهي جوانن پنهنجو پنهنجو عهد پورو ڪيو، ۽ پانيٽيي جون ست-ويهون سانديون جورائي، گڏجي، سلامتيءَ سان ساڳئي رستي ڪان موٽي آيا. وچ واٽ تي ٻنهي وڇڙن جي موڪلائيءَ جي مهل آئي، تڏهن سندن اکين مان آنسو اوهيڙا ڪري وهڻ لڳا. آخر ٻئي جاني جدا ٿيا. پر اوڏي جي اندر ۾ هن حسين نوجوان جي صحبت اهڙو ته اونهو گهاءُ ڪيو هو، جو پنهنجن ماڻهن ڪان منهن موڙي، چوڻ لڳو:

”جهڙا ڏج جُهار، ويسلڏي واگهيلي ڪي،
جت جوان اپار، آت اوڏو اوتليو.“

ائين چئي، ٻرينءَ جا پير نهاري، ٻوٿي سوٽيو. ڳجهي لباس ۾ لڪل اهو نوجوان ڪير هو؟.... اها هوتل پدمڻي پاڻ هئي! واٽ تي، چڪاسَر تلاءَ جو نرمل نير نهاري، پنهنجي سات ڪان پري نڪري، اڪيلائيءَ ۾ هوتل پري پنهنجو مرداڻو ويس لاهي وهنجڻ لڳي، ته ايتري ۾ اوڏو به چڪاسر جي پار تي چڙهي، اچي ڏسي ته مار، هي ته ڪو سچوپچو محبوب آهي!

چڙهي چڪاسَر پار، اوڏو هوتل آهوڙي،
وڇائي ويئي وار، پاڻيءَ مٿي پدمڻي.

چنيون لکيون چار، هوٿل جي هٿڙي:
اوڍا وانچي نهار، اسان اڇڻ ايترو.

آون ڀڪي آڏايان، نه سگهڙ نه پار،
هوٿل هاي ڀونئري، اوڍا تو جُهار.

اوڍو ۽ هوٿل هميشه لاءِ هڪٻئي جي جدائيءَ ۾ جهرندا رهيا. اونداهيءَ جا ڪارا ڪَڪر ڇانئجي ويا، ۽ سنجوڳ جو سورج ڪڏهن به ڪونه آيريو.

سامهين ڏار ڏيوا ٻري، ٻجاي چمڪ پران.
اوڍو اڄ آٿهرو، هوٿل ناهه گهران.

پارڪر ڪان ٿي، ساريءَ سنڌ تي قبضو ڪري ورتو هو. گجراتي ”پريم مالا“ مان ان بابت ڪي شعر پيش ڪجن ٿا:

ورس شانتي ٿي سات، ونراج وهيوت ڪريو،
ايڪ سان نرپ سات، ٿيا چاوڙا ونس جا.

چوٿهءِ نرپ سامنت، نيتلو ۽ ريسن هتو،
تنهن ڪان ايو انت، جئه سيڪر جي ونس جو.

رکيو سر پر تاج، راجا گجر ديش جي،
سولنڪي مولراج، مامي ڪي ماري ٿيو:

پراڪرمي مولراج، بلونت ۽ بهادر هتو،
تابع ڪريا تاج، ڪڇ ۽ سورٺ تڻا.

سولنڪي ڪل پاڻ، راج وڌايو شور سان،
ڦري تن جي آڻ، آبو سان ريوا سؤڏي.

مهاراجا مولراج، پوءِ چار راجا ٿيا،
هليو گجر تاج، ڀيم ديو جي وقت ۾.

غزلي جو سلطان، محمود گجرات پر،
ڪروانـي حيران، اوچتو آيو چڙهي.

گهڻو ڪري نقصان، آڪت دولت لٽي ني،
غزنوي جو سلطان، محمود گيو سوديش ڏان.

سنپاريو نج راج، اڇي پاڻ مان ڀيمي،
پوءِ ڪيو هي ڪاج، سنڌ ديش قبضي ڪريو.

# پرمارن جي وقت ۾ پاريڪر جي حالت

عيسوي ٻارهين صديءَ جي دؤر ۾ پاري ننگر سنڌ جو هڪ بهترين بندرگاهه هو. ساموندي بندر هئڻ ڪري ڏورانهين ڏيهن سان ان جو واپار هلندڙ هو، تنهن جي ڪري جيني قوم جا فرد سرمائيدار هئا. ”سڏونت- سارنگا“ جي ڪتاب موجب، پاري ننگر ۾ زبردست پاٺشالائون هيون، جتي علم جو پرچار هلندو هو. گُرُو برهمڻن جي عزت هئي. زمين پوکڻ جو تورو رواج هو. پرمار تمام بهادر هئا ۽ برهمڻ کين ’راجپُتر‘ ڪري سڏيندا هئا. برهمڻ کان پُڇي لڙائيءَ تي وڃڻ جو خاص دستور هوندو هو. پاري ننگر ناس ٿيڻ کان پوءِ، پاريڪر ۾ ڇڙوڇڙ طرف طوائف الملوڪيءَ جو دؤر هو. دهليءَ ۽ گجرات جي پاسن کان وقت بوقت پاريڪر تي ڪاهون ٿينديون هيون. تنهنڪري هڪڙي وڏي وڻ تي هميشه ماڻهو واري وٽيءَ تي ويهندو هو، ۽ پوءِ جڏهن لشڪر ايندو ڏسندا هئا ته زالن کي هڪ هنڌ لڪائي، پاڻ وڃي لڙائيءَ کي منهن ڏيندا هئا. علم جي لهر پاري ننگر تائين محدود رهي؛ ان کان پوءِ علم جو نالو نشان نه هو. ويندڙ قافلن کي ڦُرڻ ۽ قرمار ڪرڻ از وقت خاص ڌنڌو هو. زالن ۾ ستي ٿيڻ جو رواج هو. پرمارن وٽ خاص لشڪر ڪولهين جو هو، تنهنڪري انهن جي عزت رکندا هئا. برهمڻ جي پيچتا هئي، باقي ٻين اڇوت ذاتين سان سهڻو سلوڪ نه هو. ميگهواڙن کي قميص پائڻ، ۽ سنڌن زالن کي ڇيٽ جي گهاگهري ۽ سون يا چانديءَ جي زيورن پائڻ جي سخت منع هئي. ويچارن اڇوت ذات وارن کي هر حالت ۾ غلام رکيو ويو، ۽ انهن کي علم جهڙيءَ بي بها دولت کان محروم ڪري ڇڏيو ويو.

کان آندل معلوم ٿئي ٿو. عمارت ۾ ڪم آندل پٿر، هرهڪ
ٽيرهن فوٽ ڊگهو، ٽي فوٽ ويڪرو، ۽ ڏيڍ فوٽ اوچو آهي.
هرهڪ پٿر جي ماپ ساڍا اٺونجاهه ڪعب فوٽ آهي. عمارت
جي اڏاوت ۽ بيهڪ توڙي چٽسالئيءَ تي اهڙو ته نفيس ڪم
ٿيل آهي، جو ان کي فنڪاريءَ جو اعليٰ نمونو سڏي سگهجي ٿو.
ڪئپٽن جي. جي. ولسن صاحب هن مندر جي يونٽري کي
کوٽائڻ جو ڪم شروع ڪيو هو. جون ٿا ته مزورن کي
کوٽائيءَ وقت ٽي دفعا "نم، نم، نم" جو ڀيانڪ آواز آيو،
تنهنڪري ڪم بند رکيو ويو، پوءِ سگهوئي ولسن صاحب
مري ويو، تنهنڪري ماڻهن جو وسوسو ويتر وڌي ويو.
انگريز سرڪار جي مرضي ٿي ته اهو مندر محفوظ ٿيل يادگارن
جي ائڪٽ هيٺ آڻجي. جين ڌرم وارن اعتراض ورتو، پر
پوءِ نيٺ سرڪار جي حوالي ڪيائون. هن مندر جي هزارڪن
قدمن تي هڪ مٺي پاڻيءَ جو کوهه، چاڙهين سان ٻڌل هوندو
هو، جتان تيرٿ واسي ڏاڪڻين تان لهي، پاڻي ڀري ايندا هئا.
هينئر اهو کوهه ڦٽو پيو آهي. مندر جي مرمت ١٥٧٥ع ۾
ٿي هئي، تنهن کان پوءِ ائين پيو آهي. ڪرنل ٽروٽ صاحب
ننگرپارڪر جي فساد وقت هن مندر جي ڪجهه حصي کي
بارود سان اڏائي ڇڏيو هو، جو شڪ هوس ته سوڍا هتي
ويهي، ڳجهيون سازشون ڪندا آهن. اڳي پالي ڀاشا ۾ مندر
جي ٺهڻ جي تاريخ اُڪريل هئي، پر هاڻي اها ڊهي ويئي آهي.
ڪي چوندا آهن ته ان جو بنياد سنبت ١٣٥٩ ۾ پيو. مطلب
ته هي مندر سنڌ جي قديم يادگارن مان هڪ آهي.

## پارسناٿ جو پتلو

پارسناٿ جين ڌرم وارن جو وڏو ديوتا آهي، جو مشهور
مهاتما گرو گورکناٿ جو چيلو هو. هن پتلي جي ڪهاڻي
عجيب نموني جي آهي: پاري ننگر ۾ هڪ مشهور مهنتو،
سنگهو نالي رهندو هو. هڪ دفعي واپار جي ارادي سان هو

ڪاٺي راجپوتن جو زبردست ڪٽڪ وٺي، پارڪر تي چڙهائي ڪئي. سندس لشڪر ۾ 'ورجانگ' نالي هڪڙو مشهور سردار به شامل هو، جيڪو بهادريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ٻئي طرف، پارڪر جو ٽڪر پنهنجا پهاڙ سمان جوڌا وٺي ٻاهر آيو. آخر جنگ لڳي: پارڪر جي ٽڪر زور سان رڙ ڪئي: "ڪٿي آهن راڻينگوارو؟ نڪري اچي ميدان ۾ ته پارڪر جو پاڻي چکايانس!" ڪاٺي ڊچي ويا. راڻينگوارو هڪ جاءِ تي ٿمي ويو. پارڪر جي راڪاس جيڏن سوروين جي هٿن ۾ خوفناڪ تلوارون ۽ ڀيانڪ ڀالا ڏسي، ڪاٺين جو هوش اُڏامي ويو. ايتري ۾ پارڪر جي سوڍي وري سڏ ڪيو: "ڪٿي آهي راڻينگوارو؟ ٻاهر اچي ته ڪيس سنڌ جو سير ڪرايان!"....

"اچي وڃ، ڀائي! آءٌ آهيان راڻينگوارو!" ائين چوندو، ورجانگ ڏانڊل سندس مقابلي ۾ اچي ويو. ٻنهي جي وچ ۾ تلوارن جي وارو وار لڳي ويئي. ٻئي چٽا گهوڙن ڪان هيٺ ڪري پيا. نيٺ ورجانگ، ٽاڪر تي غالب پيو، ۽ ائين پارڪر تي فتح پائي، هن ڪاٺين جو مانُ مٿي ڪيو. پارڪر جي سودارن پڻ ڪيو ته ڪاٺين جي ڪنهن به فرد کي جيئرو نه ڇڏيو ويندو، پارڪر جي سردارن ڪيتريقدر پنهنجي پڻ کي پاڻي ڏنو، تنهن جو احوال اڳتي ايندو.

# پارڪر تي سومرن جي حڪومت

جڏهن سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت هئي، تڏهن عمر سومري پڻ، سن ١٣٥٥ع ۾ امرڪوٽ سوڍن کان هٿ ڪيو، ۽ ١٣٩٠ع تائين حڪومت ڪئي. امرڪوٽ هٿ ڪرڻ بعد هن سڄو ٿر پنهنجي قبضي ۾ ڪيو، ۽ اڳتي هاڻي پارڪر به پنهنجي قبضي ۾ ڪيائين. آتي پنهنجو هڪ صوبو، عبدالرزاق نالي مقرر ڪيائين، جو سنڌس پيٽوئيو به هو. هن جي ڏينهن ۾ 'عمر ۽ مارئيءَ' جو واقعو ٿيو. مارئي پارڪر جي هئي، تنهنڪري هيٺ ان جو ڪجهه احوال ڏيڻ مناسب ٿيندو.

سيني تاريخ نويسن سومرن کي پرمار راجپوت سڏيو آهي، جن سنڌ تي ساڍا ٽي سؤ سال حڪومت ڪئي. اڄ تائين پارڪر ۽ ڍاٽ ۾ جيڪي گيت ڳائجن ٿا، تن ۾ به "سوڍو سومرو" ڪري ڳايو وڃي ٿو. سومرن جي حاڪمن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي. سومرا سن ١٣٠٠ع ڌاري مسلمان ٿيا. محمود بيگڙي، ٿر تي ٽي ڪاهون ڪري، سومرن کي مسلمان ڪيو.

(١) سومرو ١٠٥١ع کان ١٠٥٤ع.
(٢) پونگر پهريون ١٠٥٤ع — ١٠٦٨ع.
(٣) دودو پهريون ١٠٦٨ع — ١٠٩٢ع.
(٤) سنگهار ١٠٩٢ع — ١١٠٦ع.
(٥) خفيف ١١٠٦ع — ١١٤١ع.
(٦) عمر پهريون ١١٤١ع — ١١٨٠ع.
(٧) دودو ٻيو ١١٨٠ع — ١١٩٣ع.
(٨) پنهون ١١٩٣ع — ١٢٢٦ع.
(٩) ڪينهرو پهريون ١٢٢٦ع — ١٢٤١ع.

ڪنوارين ۾ قوت گھٽي، منگھه ولوڙين مات،
مٿن ڪاريون، هٿن ناريون، سرگھه ڏيو موڙات،
چولا چوڙيلن جا، آهن نونئر نيڪن سان ناتَ،
پائي ڳچي ڳاتَ، ڪونن مرندي مارئي!"

سنڌ جي سر زمين جي هيءَ سدا ملوڪ پدمڻي، عمر جي وحشياني ڪارروائين هوندي به، ست ڪان ڪنهن پر ڪانه سِري. آخرڪار مارئيءَ جو ست ڏسي، عمر ڏيل ۾ ڏري ويو، ۽ مارئيءَ کي ڀيڻ ڪري، مٿي تي پوتي اوڍائي، ڏاڄو ڏيئي، سنڌس ملڪ پارڪر پهچائي آيو. اُن جي اڱڻ چوڪ تي چڙهي، مارئيءَ عمر جي انصاف جا گُڻ ڳايا. لاکيڻي لطيف شاهه ڀٽائيءَ دنيا کي هن ستيءَ جو پيغام پهچايو:

"جنهن ستيءَ ست نه ڇڏيو، سا مارئي مَرجائي،
اچي عمرڪوٽ ۾، تنهن لڄ نه لڄائي،
پيئي بندياڻي بند ۾، ڪونين ڪُڄائي،
جا سانگين سيڏائي، سا مُور نه مُرڪي ماڙئين."

## مارئيءَ جي ڪنڊي

ڀالوا ۾، ڏيڍ ميل ڀنڊ تي اڃا به اهو کوهه موجود آهي، جتي مارئي پنهنجي مال کي پاڻي پيئاريندي هئي. هينئر اهو کوهه ڏنجي ويو آهي. اُن کوهه جو پاڻي تمام کارو هو. عمر ان کوهه تان مارئيءَ کي کنيو هو. کوهه جي پرسان هڪ ڪُنڊي يا ڪونڊي آهي، جنهن ۾ مارئي پنهنجي مال لاءِ پاڻي رکي ڇڏيندي هئي. اُن جا ٻي پاسا اڃا تائين سلامت بيٺا آهن. اُن ڪونڊيءَ جي ويڪر چار فوٽ، ڊيگهه ڇهه فوٽ، ۽ اونهائي هڪ فوٽ کن آهي. (مسٽر چنا ان وقت جي ڪليڪٽر، ١٩٤٦ع ۾ هن ڪُنڊيءَ جي مرمت ڪرائي هئي.)

پـٽـيـائي آگـم بـاڪيو، جلنـي آمـا جـيـم،
ڪوپ وچـن ڪلياڻ ري، نشچيم لـيـڏا نيم.

[هن ڪلياڻ جي ڪنيا قول ٻائيءَ جيڪي چارڻ ڪي وچن ڇيا، سي ان ڏينهن ڪان نيم رکي، سچا ڪيائين.]

شـام سـڌارڻ مهاستي، جڳت ٻلي ڪئي جـوڙ،
اردنـگا قـولان آجيلي، ڪهي تـيـترس ڪروڙ.

[پنهنجي پتيءَ ڪي سڌارڻ واري مهاستي، قولان جي، ڏٺي تعاليٰ بهترين جوڙ ٺاهي هئي. ٽيٽيهه ڪروڙ ديوتا ائين چوڻ لڳا ته ”قولان“ رو يجيءَ جي اردانگني، موندري جو ملهائتو موتي هئي.]

# پارڪر جا ڪوسا

ڪوسا، بلوچن جي هڪ قوم آهي، جنهن جون ڪيتريون شاخون آهن: جهڙوڪ جماڻي، چڱاڻي، لنڊاڻي، سهرياڻي، جاگراڻي وغيره. ڪوسا ننگرپارڪر، ڪُنڀڙي ۽ ساسي ويريءَ ۾ رهندا آهن. هنن جا مائٽ تمام جنگجو ۽ بهادر هئا. سوڍن سان گڏجي ڌاڙا هڻندا هئا، تنهنڪري ڪوسن ۽ سوڍن جو پاڻ ۾ ڏاڍو سلوڪ هو. سمن کي گجرات کان خوف هوندو هو، تنهنڪري انهن ڪوسن جا چار هزار ڪٽنب گجرات جي بادشاهن جي سامهون ٽيڪ لاءِ ننگرپارڪر ۾ ويهاريا. محمود شاهه بيگڙي جي وقت ۾، انهن ملڪ ۾ ايتريقدر رڻ مچائي ڏنو، جو چار دفعا محمود شاهه بيگڙو پارڪر تي ڪاهي آيو. ڪوسن کي همايون، سون مياڻي جاگير طور ڏني. ميرن جي پهرين چوياريءَ جي دؤر ۾ جيڪي قبيلا پارڪر ۾ رهندا هئا، تن کي ٽالپري حڪومت کان وظيفا ملندا هئا. ڪلهوڙن جي ظلم کان پيا به ڪي پنج-ڇهه سؤ ڪوسا پارڪر ۾ اچي رهيا هئا، ۽ پونجي سوڍي کي سردار بڻائي، ڪڇ گجرات ڏانهن ڌاڙا هڻندا هئا. سن ١٨٣٢ع جي شروعات ۾ ڪوسن پالڻپور جي هڪڙي واپاري قافلي کي اسلامڪوٽ وٽ ڦريو. ان کان سواءِ ڪوسن ۽ واگهيلن گڏجي رحمڪي بازار کي لُٽيو، جنهنڪري انگريزي لشڪر، سنڌ جي سرحد تي چوڪسي رکي. ڪرنل پاٽنجر ڪوسن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪپتان رابرٽ ۽ ڪرنل لچفيلڊ کي فوجون ڏيئي روانو ڪيو. سرجان مالڪوم ان وقت بمبئيءَ جو گورنر هو. ٢٠- آڪٽوبر تي پوني جو لشڪر بمبئيءَ کان روانو ٿيو. ٿرپارڪر جي ضلعي لاءِ خطرو جاڳيو. مير مراد علي خان منشي رحمت الله کي، ڪن بلوچي

ان کي هڪ ڏينهن ساهڻ ڪنهن ڳالهه تي مهٽو ڏنو. جڏهن پونجي کي خبر پيئي، تڏهن هڪڙيءَ رات ۾ واگڙ جا ست ڳوٺ ڦُري آيو. هڪ دفعي پونجو ترار ڏانهن ويو هو ته کي چانڊيا پونجي جي هارين جا ڍور ڪاهي ويا. پونجي کي خبر پيئي، تڏهن چانڊين تي ڪاهي پيو. پوءِ ته اهڙو ظلمي ٿي پيو، جو چانڊيو جتي ڏسي، اُتي خون ڪري ڇڏي. چوڻي آهي:

حمزا هيڪي وار، جي ٻڙين پانٽي پونجل ري،
ٿئي نه آت سوار، گهوڙي نه چڙهي چانڊيو.

ستيجيءَ ڪان پوءِ، گوڙي جي مندر وارو پارسناٿ جو پُتلو به پونجي کي هٿ آيو هو. پونجي جو جڏهن سنڌ جي ميون سان تڪرار ٿيو، تڏهن ڪنهن هنڌ پتلي کي پوري ڇڏيائين. جڏهن پونجو سوڍو ميرن سان وڙهندي مارجي ويو، تڏهن ڪنهن کي به خبر ڪانه پيئي ته پتلو ڪٿي آهي.

پر سوڍن آنڌندو مٿن حملو ڪيو، ۽ آتي جو آتي سڀني عملدارن کي قتل ڪري ڇڏيائون. تڏهن مير مراد علي خان پنهنجو وڏو لشڪر پارڪر تي چاڙهي موڪليو. دوبدو لڙائي ٿي. سوڍو پونجوجي وڙهندي مارجي ويو. ٻه راڻا قيد ٿيا. ننگرپارڪر جي گادي نشين راڻي جي صغير هٿ ڪري، مير آتي جي ڪاروبار هلائيندڙ کي سنڌ وٺي ويا، ۽ مکيه راڻن کان ڏنڊ وٺي، کين ڇڏي ڏنائون. پارڪر جي راڻي تي ڏهه هزار ڪوريون، ويراواهه جي راڻي تي ٻارهن هزار ڪوريون ڏنڊ وڌو ويو. ويراواهه جي راڻي جو ڀاءُ حيدرآباد جيل ۾ مري ويو. ڀهراڻيءَ جي راڻي تي ڏهه هزار رپيا ڏنڊ پيو. ڦيٽاپر جي ٺڪر تي ست سؤ رپيا، ۽ آڏيگام جي سوڍي کيمجيءَ تي پندرهن سؤ ڪوريون ڏنڊ وڌائون. ٽيان سمورا سوڍا ٽي مهينا نظربند رهيا، ۽ پوءِ ڏنڊ ڏيئي آزاد ٿيا. انهيءَ کان پوءِ ميرن کي ٻنهين جي پيدائش جي پنجين پتي ڍل طور ملندي هئي. ١٨٤٣ع ۾ انگريزن جي اچڻ سان ميرن جي پارڪر تان حڪومت ختم ٿي.

# انگريزن جي پارڪر تي ڪاهه (١٨٣٢ع)
# ۽ ان تي قبضو (١٨٤٣ع)

ڪلهوڙن جي وقت، ڪوسا اچي پارڪر ۾ رهيا. سندن ڌنڌو هو ڌاڙا هڻڻ. پوءِ انهن سان سوڍا شامل ٿيا. انگريز سرڪار بار بار ميرن کي لکيو: پر هو ايڏا خوفناڪ ڌاڙيل بڻجي پيا هئا، جو ميرن کي سولائيءَ سان هٿ اچڻ وارا نه هئا. تڏهن انگريز سرڪار، ١- نومبر ١٨٣٢ع ۾، ننگر پارڪر تي لشڪر چاڙهي موڪليو. آن وقت ننگرپارڪر جو راڻو جگوجي هو. لشڪر جي اچڻ جو ٻُڌي، هو ڀڄي ويو. ويرا واهه جو راڻو انگريزن جي فائدي ۾ هو، ۽ انگريزن سان ڪوبه مقابلو نه ڪيائين. جگوجيءَ جي جاءِ تي راڻي ڪرڻ کي ويهاريو ويو ۽ ڪيس ڌاڙيلن تي نظرداري رکڻ جي هدايت ڪئي ويئي. سوڍو جگوجي، ميرن جي هٿ آيو، تن ڪيس گرفتار ڪري انگريزن وٽ موڪلي ڏنو. انگريزن آن کي ڪجهه وقت ڪڇ ۾ قيد ڪري رکيو، ۽ آخر پوڏيسر جو راڻو مقرر ڪيو. سن ١٨٣٣ع کان ١٨٤٣ع تائين ميرن جو ضابطو پارڪر مٿان رهيو، ۽ باقاعدي ڍل پڻ اُگاڙيندا هئا. ميرن ٿر ۾ قلعا ٺهرايا، جن ۾ سندن پاران ڪاردار رهندا هئا. پر پارڪر ۾ ڪوبه قلعو ڪونه ٺهرايائون.

جڏهن انگريزن ١٨٤٣ع ۾ ميرن کان سنڌ ورتي، تڏهن ملڪ ۾ جتي ڪٿي گوڙ ٿي پيو. خاص ڪري ٿر ۽ پارڪر وارن راڻن سنڌيءَ طرح آڻ نه مڃي، تنهنڪري گورنمينٽ سهولت خاطر پنهنجا عملدار ڌار ڌار هنڌن تي مقرر ڪيا، ۽ پارڪر واري ڀاڱي تي پهريون ايجنٽ ڪيپٽن اسٽئناي ريڪس

آيو، پيو ايجنٽ ٽروٽ صاحب آيو، جو سن ١٨٤٦ع کان ١٨٧١ع تائين رهيو. ٽروٽ صاحب، ١٨٥٦ع ۾، پارڪر کي حيدرآباد ضلعي سان لڳائي ڇڏيو. ٽروٽ صاحب کان پوءِ مسٽر پالن آيو، تنهن ننگرپارڪر ۾ بازار ٺهرائي. اڄ تائين ان بازار کي "پالن بازار" ڪري چئبو آهي.

# ننگرپارڪر ۾ بغاوت (١٨٥٩ع)

انگريزن جو ملڪ تي پورو پورو ضابطو ٿيندو پئي ويو، ۽ سيني راجائن توڙي رعيت کي، ڪن کي دٻاءَ سان ۽ ڪن باغين کي پنهنجي پٺيءَ پاليسي رستي جاگيرون ڏيئي، آڻ مڃائيندا رهيا. تنهن هوندي به پارڪر جا سوڍا زور هئا. هو اڃا تائين پاڻ کي خود مختار سڏائڻ لڳا، ۽ هرڪنهن ڳالهه ۾ انگريزن جو دخل برداشت نٿي ڪري سگهيا. ميرن جي سنَد موجب، پارڪر جو رائو ڪرڻجي، سوراچند ۽ راڻپور ڳوٺن توڙي ننگرپارڪر شهر جي اڌ ڏيوڻيءَ ۽ پارڪر جي ٽرانس ڏيوڻيءَ جو حقدار هو. ويراواهه جي سوڍي کي ويراواهه ڳوٺ، معافي مليل هو، ۽ پڻ موڪئي رڻ جي پيدائش به ملندي هيس. کيس اڌ شهري محصول ۽ پنهنجي علائقي جي آباد ٿيل ڊل جو چوٿون حصو به ملندو هو. سرچارلس نيپئر، ١٥- آڪٽوبر ١٨٤٤ع ۽ مئي ١٨٤٧ع ۾، ٻنهي جاگيردارن جون سنَدون ستن سالن تائين قائم ٺهرايون، ۽ ملندڙ ڊل جو اڌ ڪاٽي ڇڏيو. راڻي جي پرڌان، اڪمالديو کي موڪرئي جو ڳوٺ به سنَد موجب مليل هو. مٿين ٽنهي ۽ ٻين سوڍن کي جيڪي ملندڙ حق هئا، اهي انگريز سرڪار ختم ڪري ڇڏيا. ٻنهين توڙي خاص حقن جي اڳاڙڻ جي ٽڪرن کي بندش ڪانه هئي. انهن ناجائز طور چرائيءَ ۽ ٻيا ٽئڪس به وصول پئي ڪيا. پارڪر جو پاڳو ١٨٥٦ع ۾ ڪمشنر جي حوالي ڪيو ويو، جو اڳي تروٽ صاحب پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ جي ماتحت هو. ڪمشنر حيدرآباد کان پنهنجو ڪاردار موڪليو، ۽ روينيو سروي چالو ڪئي. چراگاهه جو ٽئڪس به هاڻ حڪومت پنهنجي حوالي ڪيو. آفيم تي ليسن وڌو ويو، جو اڳي سوڍا غير قانوني آفيم آڻي وڪرو ڪندا هئا ۽ ان ۾

زبردست ڌڪو هو. ڪئپٽن ريڪس جي عملي ۾ ننگرپارڪر جا ڪاردار برهمڻ هئا، آهي سوڍن سان ٻڌل هئا. پوليس عملو گهٽو ڪري ٺڪرن تي مشتمل هو. راڻي ڪرنجيءَ جي هڪ خاص نوڪر تي، ڪنهن ڪوهه کي نقصان رسائڻ جي ڏوهه هيٺ، ڪاردار ڏنڊو وڌو، ۽ ڪاسٻي جي پٽيل سان راڻي جو زمين جي دنگ بابت تڪرار ٿيو، جنهن جو فيصلو ٽروٽ صاحب راڻي جي خلاف ڪيو. ٽروٽ صاحب حڪم ڪيو ته دنگ تي پٿر هٽايا وڃن، مگر راڻي حڪم جي ڪابه پرواهه نه ڪئي. ٽيليگراف ڪاٽي جا ڪي نوجوان نينگر، ڪولهين سان سٺي نموني پيش نه آيا. مسٽر ڏيئومل مختيارڪار ننگرپارڪر جي، راڻي سان ڪن ڳالهين جي ڪري ناسازي پيدا ٿي.

مٿين سڀني سببن جي ڪري راجپوتن جا دلي جذبا جوش ۾ اچي ويا، ۽ راڻي جي سڏ تي سندس ڀاءُ پونجسنگهه ويراواهه جو راڻو لاڏوسنگهه، ڀراڙيءَ جو ٺڪر ڪلجي ۽ ٻيا اچي راڻي جي ڪئمپ ۾ داخل ٿيا. تنهن کان سواءِ پنج هزار ڪولهين جو لشڪر به اچي حاضر ٿيو. سڀني گڏجي، ١٥-اپريل ١٨٥٩ع جي ڏينهن، انگريزن خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. انهن پهرين اچي تارون ڪپي، رستا ڀڃي ڇڏيا خزانو لٽي، ڪاردار جي ڪچهريءَ کي باهه ڏني. پوليس ٿاڻي تي حملو ڪري، سوارن کي ڀڄائي ڇڏيو ۽ ڪيترو نقصان ڪيائون. ڏيئومل مختيارڪار، اها خبر ترت حيدرآباد موڪلي، جا ١٨-اپريل ١٨٥٩ع جو حيدرآباد پهتي. ڪرنل ايونس، جو آن اسٽيشن جو ڪمانڊنگ آفيسر هو، تنهن هڪدم ”ٽرڊ بلوچي ريجمنٽ“ جي هڪ ونگ ننگرپارڪر ڏانهن رواني ڪئي، ۽ ڪجهه توبخانو ڪراچيءَ کان روانو ٿيو. ترت ئي ڪرنل ايونس کي آرڊر مليو ته خود وڃي سڀني فوجن جي ڪمانڊ وٺي، جيڪي ڊيسا، احمدآباد ۽ حيدرآباد کان ٿي آيون. تنهنڪري

آيو آڏيسنگهه اوچتو، ڀورو ڀڄايو،
ڪنڊ ڀوري راڪنڀيا، سرچي ڀڄايو.

راڻن تروٽ جي ڳولا ڪئي، مگر هو نه مليو. تڏهن انهن کن سپاهين کي ماري ڇڏيو. ڪرنل ايونس جي فوج ۾ ويجهي هئي، جنهن کي هڪ سوار وڃي ڏينهن وت خبر پڌائي ته وري فساد شروع ٿيو آهي. فوج هڪدم اچي، ١٩- جون ١٨٥٩ع تي گهيرو ڪيو. راڻو، وزير ۽ ٻيا شهر ڇڏي ڀڄي ويا. راڻي ڪارونجهر ۾ وڃي پناهه ورتي، جتي آن کي سندس هڪ گهرو دوست، ڪاسبي جو لهاڻو سيٺ مهاوجي، هنس پري پائو، ۽ روپلو ڪولهي ڪاڏي جو سامان رسائيندا هئا ۽ خبر چار پڌائيندا هئا. تروٽ کي خبر پيئي، تڏهن روپلي کي جاگير جي لالچ ڏنائين ته راڻي جو ڏس ڏئي، مگر هو وفادار هو، تنهن چيو ته "مون کي ڪا خبر ڪانهي." پوءِ کيس ڏاڍي مارڪٽ ڪيائون. هٿ جي ٽيرين ۾ تيل وجهي، آڱرين تي ونيون ڏاهي، باهه ڏنائون.... تڏهن به روپلو ست تي ثابت رهيو. آخر تروٽ، هنس پري پائي ۽ سيٺ مهاوجيءَ کي گهرائي، لب لالچ تي ريجهايو، تن دغا ڪري راڻي کي گرفتار ڪرايو. سگهو پوءِ وزير ۽ ٻيا سوڍا به گرفتار ٿيا. جنهن تابعداري مڃي، تنهن کي آزاد ڪيو ويو.

پوڏيسر جا ٺڪر حملي وقت انگريزن سان مددگار رهيا، ۽ ڪرنل ايونس، ٢٣- آگسٽ ١٨٥٩ع تي، هنن جي خدمتن جو اعتراف ڪيو. هن سفارش ڪئي ته پوڏيسر جو ڳوٺ، جنهن جي ساليانو پيدائش ٽي سؤ رپيا هئي، سو ٺڪرن کي هميشه لاءِ ڏنو وڃي. انهن کي نيٺ ڇهه هزار ايڪڙ جاگير ملي.

ننگرپارڪر جي راڻي ۽ ويراواهه جي ٺڪر آڻ نتي مڃي. تن جون اڳ مليل جاگيرون ضبط ڪيون ويون. ننگرپارڪر جي راڻي، ويراواهه جي ٺڪر لاڏو سنگهه ۽ سندس پٽ آڏيسنگهه پوءِ به آڻ نه مڃي. آڏيسنگهه کي تروٽ گهڻو ئي لالچايو ۽

گوري گرورَ گجيو، جهنڪ مچائي رڻ جنگ،
لڙيو سات ڪلياڻ رو، آوئان راجپوتانان رنگ.

رنگ ڪلا رنگ مهاسينگا، رنگ هو سڀ رهاڻ،
رنگ ڪارونجهر را ڪونگرا، رنگ سوڍا راڻ.

وِجو ڏاڏو ويڙهرَ وَرَ، ڀوجل ننڍو ڀُوپ،
ڪنڪا سان رنڪا ڪريا، رنگ ڪلا ڪُل روپ.

ڪاي چڙهي هوڪو ڪري، باجي هاڪ ويراڻ،
گاي ٿي ڀر تروٽ گيو، ميل فرنگي ساڻ.

ڀورا ڏر ڀانجي، گانجي پرتشٺان جيت،
مهيتپت ڪڙنگ مانجي، پارڪر رڻ پريت.

چندن گڏ نچاور ٿيو، جوڌي مچايو جنگ،
لڙيو سات 'ڪيرڻ' جي رو، ان راجپوتانان رنگ.

جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن جي پاسي ۾ سنگھا ڍنڍ آهي، جنهن ۾ پاڻي سڪڻ بعد ٻوڪ ٿئي ٿي. هي ويرا واهه جي سوڍن ڪي ملڪيت آهي. هتي لوهاڻا، ڪولهي ۽ ميگهواڙ رهن ٿا. منجهس پرائمري مرداڻو اسڪول، پوسٽ ۽ ڍڪ آهن.

## ٻاپو

هي ننگرپارڪر تعلقي ۾ هڪ چڱو وسندڙ ڳوٺ آهي. هتي لاکا ۽ سما رهن ٿا، جي خانداني گهراڻي جا زميندار آهن. هتي پرائمري مرداڻو اسڪول آهي، جو قديم وقت کان وٺي هلندو اچي ٿو. هتي سما، ميگهواڙ، ڀيل ۽ ڪولهي رهن ٿا.

## آڌيگام

ننگرپارڪر تعلقي ۾، هڪ چڱو شهر آهي. هتي ايترو ناڻو آهي، جو چوندا آهن ته اڌ ۾ آڌيگام، ۽ اڌ ۾ سڄو ننگرپارڪر تعلقو. گهڻي ناڻي جي ڪري، آڌيگام کي سدائين ڌاڙيلن جو ڊپ رهيو آهي. هتي لوهاڻا، جين، ميگهواڙ، ڪولهي، ڪنڀار، سما، گرڙا، چاڪي ۽ ٻيون ذاتيون رهن ٿيون. منجهس پرائمري اسڪول، ٿاڻو ۽ ڍڪ آهن.

## ڏونگري

هي ڳوٺ ننگرپارڪر جي نزديڪ آهي. ڏونگري اڳئين زماني ۾ هڪ تمام وڏو شهر هو، جنهن جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پاسي ۾ هڪ ٽڪري آهي، جنهن ۾ هڪ پونئرو هو. هينئر اهو پونئرو ڊٺل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هتي برهمڻ رهن ٿا، جي ٻن قسمن جا آهن: شرمالهي ۽ راجگر. منجهس پرائمري اسڪول ڪيترن سالن کان هلندڙ آهي.

---

# ننگرپارڪر ۾ رهندڙ قومون

ننگرپارڪر ۾ ٻه هندو رهن ٿا، ۽ مسلمان ٻه ۔ ١٩٤٧ع جي لڏپلاڻ ۾ ننگرپارڪر، ويراواهه، ڇاڇرو، ڪاسبي ۽ آڏيگام مان ڪي لوهاڻا ڀارت هليا ويا آهن.

مسلمانن جون هيٺيون ذاتيون رهن ٿيون:

سيد — هي ورڻهاريو ۽ قابل شاهه ۾ رهن ٿا. کوسا — ننگرپارڪر، ساسي ويري ۽ ڪبڙي ۾ رهن ٿا. سما — ڏاڀي ۾ رهن ٿا. چانڊيا — سوندرو، ٻورلي چانڊيا، هستڙو ۽ ٻين ڳوٺن ۾ رهن ٿا. ساند — ٻيلو، پهڻاريو، ساهو ساند، وغيره ڳوٺن ۾ رهندڙ آهن. خاصخيلي — ڀالوا، رتنياري وغيره ڳوٺن ۾ رهن ٿا. تعلقي ۾ مسلمانن جون ٻيون به هيٺيون ذاتيون رهندڙ آهن: آتر، سومرا، کوکر، رند، نهڙي، راهما، شيدي، حجام، ڪنڀار، مڱڻهار، لنگها، منگريا، انڙا، جوڻيجا، سنگراسي، هاليپوٽا، سميجا، راڄڙ، جيسر، ڀٽي، جهنجي، ٿيٻا، ديدار، ڏيتا، اوٺا، چنا، ڪيريا، ڏوهٽ، ڪيلهڻ، ڳجو وغيره.

هندن جون هيٺيون ذاتيون رهندڙ آهن: شرمالهي برهمڻ، راجگر برهمڻ، سارسوت برهمڻ، جين، لوهاڻا، راجپوت، رٻاري، سونهڙ، چارڻ، جاٽ، مالهي، سونارا، ڪنڀي، نائي، سامي، لوهار ٻجير وغيره.

اڇوتن جون هيٺيون ذاتيون رهندڙ آهن: ميگهواڙ، ڀيل، ڪولهي ۽ ٻنگي.

——

# پارڪر جا ڪولهي

ڪولهي اصل گجرات، واگڙ ۽ ڪڇ کان آيا هئا. سوڍن جي حڪومت ۾ نوليون ڪري ڌاڙا هڻندا هئا. سوڍن جي نيلات راڻي وٽ خاص لشڪر به ڪولهين جو هوندو هو. ڪولهي تمام بهادر مشهور هئا ۽ ڪاتر ۽ تير هلائڻ جا ماهر هئا، تنهنڪري راڻا هرڪا جنگ جيتي ايندا هئا. ڪولهي وفادار قوم آهن. انگريزن جي چڙهائيءَ وقت، جيئن اڳي ذڪر ڪيو ويو، روپلي ڪولهي جي هٿن جي ترين ۾ تيل وجهي، ونيون ٺاهي، ڏيئا ٻاريا ويا. پر وفادار ڪولهيءَ تڏهن به فرنگين کي پنهنجي راڻي جو ڏس نه ڏنو. گهر ۾ جيڪڏهن داڻن جي لپ هوندين، ته آيل مهمان کي کارائي ڇڏيندا ۽ پاڻ ٻچن سميت لنگهڻ سمهي رهندا.

چون ٿا ته اڳئين وقت راڙڪوئي ۾ هڪ ڪولهي، شاهوڪار ۽ ستا وارو هوندو هو. وٽس هڪڙو ٻلو آٿ هو، جنهن جي ڪنڌ ۾ سوني سنگهر وجهي، هو آٿ ٻنا ڏاڻ جي ڇڏي ڏيندو هو. ڪيترن ماڻهن وٽان ننگر پارڪر جي راڻي کي آنهيءَ ڪولهي بنسبت دانهون پهتيون ته آٿ اسان جون ٻنيون کائي ٿو. هڪ دفعي آن راڻي جو ٻاٽيڄ واگڙ کان آيل هو. ٻيئي ڄڻا ڪچهريءَ ۾ ويٺا هئا ته انبوهه ماڻهن جو دانهن کڻي آيو. راڻي پنهنجي ٻاٽيڄ کي اشارو ڏنو ته هو آٿ جهلي، گم ڪري ڇڏي. ٻئي ڏينهن هو آٿ ڪاهي، واگڙ وٺي ويو. جڏهن ڪولهيءَ کي سڌ ملي، تڏهن وڏو ڏنبلو وٺي واگڙ طرف ڪاهي ويو. راڻي جي ٻاٽيڄ کي اها خبر پيئي، تڏهن هندو رسم مطابق ساسيو ڪري ساهون آيو، چيائين ته "ماما، اسان هن ڪري اوهان جو آٿ آندو ته اوهين ڪڏهن هن طرف نٿا اچو،

سو هن بهاني سان سن اسان جي ڳوٺ ۾ اچڻ ٿيو" ! " اها ڳالهه ٻڌي، ڪولهيءَ ساميءَ ۾ مست سؤ ڪوريون وڌنديون ۽ پاڻيچ کي آهو آٽ بخشش ڪري ڇڏيو.

رفتي رفتي هيءَ قوم غربت ۾ گرفتار ٿيندي ويئي، ۽ هن وفادار، ۽ بهادر قوم جي غربت ۽ ابوجهائيءَ جو ناجائز فائدو وٺي، ان کي هميشه لاءِ ذلت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو ويو. هينئر انهن ۾ ڪافي سجاڳي آئي آهي، تڏهن به بيعاميءَ سببان وڏي طبقي جي غلاميءَ ۾ جڪڙيل آهي.

# تعليم

”علم بنا آدمي، آهي پسوءَ سمان.“ جنهن قوم ۾ علم جي روشني نہ آهي، سا آهستي آهستي صفحهءِ هستي تان نابود ٿي ويڃي ٿي. علم جهڙي اڪٽ خزاني سان جا قوم مالا مال آهي، سا سدائين آسودي ۽ سکي هوندي. اهو ملڪ خوشقسمت چئبو، جنهن جو هر فرد تعليم جي دولت جو ڏڻي هجي. ٿرپارڪر ضلعي ۾ ننگرپارڪر تعلقو ئي آهي، جو علم ۾ سڀني کان پٺتي پيل آهي. سڄي تعلقي ۾ پهرين ٽي-چار پرائمري اسڪول هوندا هئا. جتي گجراتي سيکاري ويندي هئي؛ تنهن کان پوءِ گجراتي بند ڪري، سنڌي شروع ڪئي ويئي. ان کان پوءِ، ۱۹۵۴ع کان اڳ تائين، وڌي ٻارهن اسڪول ٿيا. ۱۹۴۷ع کان اڳ، سڄي تعلقي ۾ هڪڙو ئي مڊل اسڪول هو، سو بہ ۱۹۴۷ع جي لڏ پلاڻ بعد بند ٿي ويو، ۽ انگلش ڪلاس کليو. ۱۹۵۴ع ۾ سنڌ وزارت جي تعليمي اسڪيم هيٺ، ننگرپارڪر تعلقي ۾ نووي تعليم رائج ٿي. هن وقت، لازمي تعليم هيٺ هئڻ ڪري، تعلقي ۾ سؤ کن پرائمري اسڪول آهن. ۱۹۵۶ع ۾ مير محمدبخش خان لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ هو، جنهن ڪوشش ورتي ننگرپارڪر ۾ مڊل اسڪول کوليو. هن وقت بہ صرف ننگر ۾ ئي مڊل اسڪول آهي. ڪجهہ وقت ٻلهاريءَ ۾ انگلش ڪلاس هو، پر هاڻي بند ٿي ويو آهي. اڳي ننگرپارڪر ۾ زنانو پرائمري اسڪول هو، سو بہ هاڻ بند ٿي ويو آهي. لازمي تعليم سبب اسڪولن جي تعداد وڌڻ ڪري. هن وقت ننگرپارڪر تعلقي ۾ اٽڪل ساڍا ٽي هزار ٻار تعليم پرائي رهيا آهن.

# ٻولي

پارڪر ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، تنهن کي ”پارڪري ٻولي“ چئبو آهي، جا بگڙيل گجراتي آهي. ڪولهين جو لهجو سڀني کان نرالو آهي. ٿر ۾ وري ”ڍاٽڪي“ ڳالهائي وڃي ٿي. ڪن هنڌين هندو ۽ مسلمان ساڳئي نموني جي ڍاٽڪي ڳالهائيندا آهن. ٻروچ ۽ سما عام سنڌي ڳالهائيندا آهن.

# ٻارڪر جا گيت

ٻارڪر جا گيت دل لُڀائيندڙ ۽ روح کي راحت ڏيندڙ آهن. زالون شاديءَ جي وقت ۽ ٻين خوشيءَ جي موقعن تي گڏجي ڳائينديون آهن. نموني طور، هڪڙو گيت هيٺ ڏجي ٿو.

هڪڙيءَ سس پنهنجيءَ نُنهن کي، مڙس جي غير حاضريءَ ۾ ماري ختم ڪري ڇڏيو آهي. مڙس جڏهن پرديس ڪمائي موٽي اچي ٿو، ته ماءُ کان پنهنجيءَ زال جي پڇا ٿو ڪري: گيت ۾ ماءُ ۽ پٽ جا ان باٻت سوال ۽ جواب ڏنل آهن.

ماڙي، ٻارهن ورس آويو — ماڙي، ته ڏسي ٻاتلي پرمار ري،

جاڙيجي مان:

ٻاپيو ٻوليو، ڪائڙ ري ڪيجڙي.

[اي امڙ، آءٌ ٻارهن سالن کان پوءِ آيو آهيان، پر هوءَ ڪٿي به نظر نٿي اچي، پرمار راجپوتن جي ڌيءَ، جاڙيجن راجپوتن جي ڪنيا، ڪائڙ جي وڻ تي پپيو ٻولي ٿو!]

بيٽا، ايهن پاڻي ڀوُ گئي — بيٽا، ڇونوڙو ڏيور سات:

ٻاپيو ٻوليو، ڪائڙ ري ڪيجڙي.

[پٽ، کنوار ته پاڻي ڀرڻ ويئي آهي، ساڻ ننڍو ڏير به اٿس. ڪائڙ جي وڻ تي پپيو ٻولي ٿو.]

ماڙي، جل ٿل سب ديکيا، پڻ نهين ديکي ٻاتلي پرمار ري،

جاڙيجي مان:

[اي اما، آءٌ کوهہ ۽ تلاءَ سڀ ڏسي آيو آهيان، پر هوءَ ڪٿي به نظر نٿي اچي، پرمارن جي پُٽاي ڌيءَ ......]

ڏيڪرا، پينئي ويس ني هٿيار چوڙيئي، ڏلٿا ڏري آوسي،
باپيو بوليو، ڪائڙري ڪيجڙي.
[پٽ، ويھ هٿيار لاھ، هوءَ آنءُ ڏرڻ وينئي آهي، اِجها
آئي ڪي آئي!]
ماڙي، گهنٽيون ني رئڙا جوئي رهيو، ماڙي نہ ديڪي
پاتلي پرمار ري،
جاڙيجي مان:
باپيو بوليو، ڪائڙري ڪيجڙي.
[امڙ، سڀ چٽڪيون ڏسي آيو آهيان، پر هوءَ ڪٿي بہ
نظر نہ آئي، پرمارن جي پوپري جاڙيجن جي چٽيل.]
ڏيڪرا، ٻيس هٿيار چوڙيئي، ڪليا ڪنور، ويس ڏوڪ
ني آوسي ري،
باپيو بوليو، ڪائڙري ڪيجڙي.
[منهنجا پيارا ڪنور، هٿيار چوڙي آرام ڪر، تنهنجي
ڪنوار ڪپڙا ڌوئڻ وينئي آهي، جاڻ تہ آئي.]
ماڙي، نديون نالا جوئي ديڪي ري، ماڙي نهين ڏيءَ
پاتلي پرمار ري،
جاڙيجي مان:
باپيو بوليو، ڪائڙري ڪيجڙي.
[اي اما، سڀ نديون نهاريم، پر هوءَ ڪٿي نظر نہ آئي:
آها پرمارن جي پياري ڌيءَ، جاڙيجن جي جوانڙي.]
اينا پڇڪا مان ڪوري باندني ري، اي باندني ديڪ ني
بادر هاوري،
اي گوجارن مان.
انهلو ورڪ سوکي گيو ري.
هن ٻجڪيءَ ۾ سندس نئين ساڙهي پيئي آهي. سندس
ساڙهي ڏسي، دل ٿي گهريم تہ ساڏو ٻڌجي وڃان. او هٿياري
اما، اڱڻ ۾ انب جو وڻ سڪي ويو!]

## نگرپارڪر تعلقي جو شعر

ساۏن ڪوراۏن تان، وٺا آۏن ڙي،
تاجي ڏوجهاري ڏسڪا پري ڙي:
جاني ڙا، وهيلو وري آءُ!

ست تان سهيليون، پاڻي ڙي گيون ڙي،
تاجي هانجر آنسوڙا هاري ڙي:
جاني ڙا، وهيلو وري آءُ!

سائو تان سارون ڙو، وينڻي رهيو ڙي،
تاجي وڇوڙي ۾ ويراڳڻ ڦران ڙي:
جاني ڙا، وهيلو وري آءُ!

پيجي ڪو سهيلين، نيج ڪو رکي ڙي،
تاجي مرگها نيڻي ميلي ويس ڙي:
جاني ڙا، وهيلو وري آءُ!

ڪنوڻ ري ڪڙڪي، مانجي ڇاتي ڪو دڙڪي،
چوماسو تڪڙو جائي ڙي:
جاني ڙا، وهيلو وري آءُ!

# تعلقي ننگرپارڪر جي آدمشماري

| مسلمان | هندو | اڇوت | جوڙ |
|---|---|---|---|
| ٢٠٥٧٧ | ٩٤١٤ | ٣١٢٠٣ | ٦١١٩٤ |

| تعلقي ننگرپارڪر ۾ ڳوٺن جو تعداد | اهڙا ڳوٺ جن جي آدمشماري هڪ هزار کان مٿي آهي | جن جي آدمشماري پنج سؤ جي درميان آهي | جن جي آدمشماري ٻه سؤ ۽ پنج سؤ جي درميان آهي | جن جي آدمشماري هڪ سؤ ۽ ٻه سؤ درميان آهي | جن جي آدمشماري هڪ سؤ کان گهٽ آهي |
|---|---|---|---|---|---|
| ٣٥٦ | ٢ | ١٢ | ٩٢ | ٩٤ | ١٥٦ |

تعلقي ننگرپارڪر جي ايراضي ٢٠٠٨/١٥ ميل آهي.

ٿر پارڪر، توڙي پارڪر، سنڌ جو اهڙو علائقو آهي، جتي زندگي ڏاڍي ڏکي آهي.

پارڪر چؤطرف ٿر جي ريگستان ۽ ڪڇ جي رڻ جي وچ ۾ ڦاٿو پيو آهي. آباديءَ جي ڪا صورت نظرئي ڪانہ ٿي اچي. پر، تاريخ جي اڳوڻن قصن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪنهن سمي اتي ڏاڍي وڏراهہ هئي. هاڪڙو درياءُ وهندو هو. بندر بازاريون هونديون هيون. قدرتي نظام سبب درياءُ سڪي ويو. وڻ سڪي ناپيد ٿي ويا. چوڌاري رائو، رُج ۽ سُڃ. پر، ڪنهن زماني ۾ سعودي عرب جي خود اها حالت هوندي هئي، هاڻي جو اتي پيٽرول لڌو آهي تہ ساڳيو سعودي عرب دنيا جو "سڀ کان شاهوڪار ملڪ" ٿي پيو آهي.

پارڪر ۽ ٿرپارڪر ۾ پيٽرول اڃا ڪونہ لڌو آهي. پر، اتي ڪوئلي جا وڏا ذخيرا مليا آهن ۽ چون ٿا تہ نهايت اعليٰ درجي جو ڪوئلو آهي. نہ رڳو ايترو، پر ڪي ڌاتو بہ مليا آهن. غالباً انهن ۾ ٽامو بہ شامل آهي. سو، جيڪڏهن جديد سائنسي علمن جي روشنيءَ ۾ پارڪر ۽ ٿرپارڪر ۾ تحقيق ڪبي تہ اهڙا قدرتي ذريعا دريافت ٿيندا، جيڪي هن خطي کي نهايت زرخيز علائقو ثابت ڪندا. پر، جي پارڪر ۽ ٿرپارڪر جي ماڻهن کي انهن قدرتي ذريعن کان محروم ڪيو ويو ۽ اهي قدرتي خزانا بہ اجنبين جي ور چڙهي ويا، تہ پارڪر جي ماڻهن جي زندگي اُهائي ڏک ۽ بک ۾ گذرندي.

– غلام رباني آگرو

# پَڙهندڙ نَسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بـہ ٿـي سگهن ٿـا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Club Exclusive نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪـار سَـهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پـر ممڪـن آهـي تـہ ڪـي ڪـم اُجرتـي بنيـادن تـي بـہ ٿِيـن. اهـڙي حـالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـبِئي جـي مـدد ڪَـرڻ جــي اُصــولَ هيــٺ ڏي وَٺُ ڪنــدا ۽ غيرتجــارتي -non commercial رهنـدا. پَـنَـ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِـٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بـہ مـالي فائـدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪـئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مـان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)